Website: dailysukaarkarachi.com
★★
ABC CERTIFIED
سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار (شاهه)
رجسٽرڊ نمبر SS-1245
DAILY SUKAAR KARACHI
روزاني سُڪار ڪراچي
چيف ايڊيٽر: شفيق احمد پيرزادو
جلد (20) | اڱارو 13 مئي 2025ع بمطابق 15 ذوالقعد 1446 هجري (شمارو نمبر 65) قيمت 10 رپيا

12 مئي سانحو جمهوريت جي لاءِ ڏنل قربانين جي ياد ڏياري ٿو، شهيدن جو رت رائيگان نه ويندو: بلاول ڀٽو

ڪراچي جي روڊن تي وهايل رت رائيگان نه ويو پر اهو اڄ ظلم جي خلاف مزاحمت جي نه مٽجندڙ نشاني بڻجي چڪو آهي، 12 مئي سانحو اسان جي قومي تاريخ جو هڪ ڪارو ڏينهن آهي
ان ڏينهن انساني حياتيون ضايع ڪيون ويون، جمهوري قدمن کي ڏينهن ڏٺي جو چيپاٽيو ويو اهو ڏينهن اسان کي ياد ڏياري ٿو ته اسان کي جمهوريت عظيم قربانين ڪان پوءِ ملي آهي
ڪراچي جي عوام، وڪيل، سياسي ڪارڪن ۽ سول سوسائٽي آئين ۽ عدليه جي آزادي لاءِ پنهنجون حياتيون قربان ڪيون ڪيترن ئي بي گناهه شهرين کي شهيد ۽ ڪيترن کي ئي زخمي ڪيو ويو
اسان 12 مئي سانحي جي شهيدن کي ناهي وساريو، نه ئي قوم وساريو آهي، اسان جون ايندڙ نسلون به هن ڏينهن جي ڏوهارين جي هميشه مذمت ڪنديون رهنديون
پيپلز پارٽي هميشه آمريت ۽ تشدد کي منهن ڏنو آهي ۽ قربانين جي ڏکئي تاريخ انهي جي گواهه آهي، اهڙو ڪو ڏينهن انهي عظيم قربانين کي سلام پيش ڪرڻ جو ڏينهن آهي
ياد رهي ته 12 مئي 2007 تي اڳوڻي چيف جسٽس افتخار چوڌري جي ڪراچي پهچڻ تي فائرنگ جا واقعا پيش آيا هئا، فائرنگ ۾ مارجي ويل 50 کان وڌيڪ بيگناهه شهري رستن تي ماريا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته 12 مئي سانحو جمهوريت جي لاءِ ڏنل قربانين جي ياد ڏياري ٿو. پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري 12 مئي سانحي 2007 جي ورسي جي موقعي تي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته ڪراچي جي روڊن تي وهايل رت رائيگان نه ويو پر اهو اڄ ظلم جي / ڏسو صفحو 2 بقايا 02

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڀارتي فوج اسان کي ٻيڄاري نٿي سگهي، دفاع ڪرڻ ڄاڻون ٿا: آرمي چيف

ڀارت کي منهن ٽوڙ جواب ڏيندڙ آپريشن بنيان مرصوص جي ڪاميابي کان پوءِ آءِ ايس پي آر طرفان آرمي چيف جنرل عاصم منير جي بيان جي وڊيو شيئر
ملڪي سلامتي جو دفاع ڪيئن ڪرڻو آهي اهو اسان چڱي ريت ڄاڻون ٿا، الحمدالله تاريخ اهو ثابت ڪيو آهي ته پاڪ فوج ۽ قوم هر جارحيت خلاف پوري طاقت سان وڙهي سگهي ٿي
علائقائي سالميت ۽ خودمختاري جي تحفظ لاءِ پاڪستان ۾ تمام گهڻي دفاعي صلاحيت موجود آهي، ملڪي سلامتي جو دفاع ڪيئن ڪرڻو آهي اهو اسان چڱي ريت ڄاڻون ٿا
13 لک ڀارتي فوج پنهنجن سمورن هٿيارن سان اسان کي ٻيڄاري ۽ ڌمڪائي نٿي سگهي، اسان جي بزرگن ۽ اسان هن ملڪ کي ٺاهڻ جي لاءِ تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن
اسان هن ملڪ جي حفاظت ڪرڻ به ڄاڻون ٿا، اهو ڪنهن به ريت نٿو ٿي سگهي پاڪستان جي فوج ۽ ان جي قوم کي ڪير جهڪائي سگهي، اسان الله جي حڪمن تي عمل ڪيو آهي
اسان ڀارت جي طاقت، مڪاري ۽ جارحيت کان ڊڄڻ واري قوم نه آهيون، وطن جو دفاع ڪنداسين: ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري

راولپنڊي (بيورو رپورٽ) آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو آهي ته ملڪي سلامتي جو دفاع ڪيئن ڪرڻو آهي اهو اسان چڱي ريت ڄاڻون ٿا. ڀارت کي منهن ٽوڙ جواب ڏيندڙ آپريشن بنيان مرصوص جي ڪاميابي کان پوءِ آءِ ايس پي آر طرفان آرمي چيف جنرل عاصم منير جي بيان جي هڪ وڊيو شيئر ڪئي وئي آهي جنهن ۾ هن ملڪي سلامتي ۽ خودمختياري جي / ڏسو صفحو 2 بقايا 01

آمريڪا، پاڪ-ڀارت ايٽمي جنگ روڪرائي: ڊونلڊ ٽرمپ

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته پاڪستان ۽ ڀارت ۾ ايٽمي / ڏسو صفحو 2 بقايا 03

قومي اسيمبلي ۾ پاڪ فوج سان يڪجهتي وارو قرارداد اتفاق راءِ سان منظور

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) قومي اسيمبليءَ ۾ پاڪستاني فوج سان يڪجهتي / ڏسو صفحو 2 بقايا 04

راولپنڊي: آرمي چيف جنرل عاصم منير زخمي جوان جي عيادت ڪري رهيو آهي

آءِ ايس پي آر پاران آپريشن بنيان المرصوص جي مڪمل ٽيڻ جو اعلان

ڀارتي جارحيت جي جواب ۾ پاڪستاني فوج پاران شروع ڪيل 'آپريشن بنيان المرصوص' مڪمل ٿيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو
آپريشن بنيان المرصوص ڀارتي فورسز جي بزدلانه جارحيت جي جواب ۾ ڪندي ان کي سچ جو نالو ڏنو ويو
پاڪستان حملن جو بدلو وٺڻ ۽ انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي، الحمدالله، پاڪستاني فوج واعدو پورو ڪيو

راولپنڊي (بيورو رپورٽ) ڀارتي جارحيت جي جواب ۾ پاڪستاني فوج پاران شروع ڪيل 'آپريشن بنيان المرصوص' جي مڪمل ٿيڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. پاڪ فوج جي انٽر سروسز پبلڪ رليشنز (آءِ ايس / ڏسو صفحو 2 بقايا 05

جنگبندي: پاڪ ڀارت ڊي جي ايم اوز پاران مختلف معاملن تي ڳالهين لاءِ هاٽ لائن تي رابطو

پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ جي لاءِ ڪوششون شروع ٿي ويون، مختلف معاملن تي ڳالهيون
پاڪستان جي ميجر جنرل ڪاشف عبدالله ۽ ڀارت جي ليفٽيننٽ جنرل راجيو گهائي وچ ۾ رابطو ٿيو
10 مئي جي ٻنپهرن جو ڊي جي ايم اوز جي وچ ۾ رابطو ٿيو هو، جنهن ۾ فوري سيز فائر تي اتفاق ڪيو ويو هو.

اسلام آباد (بيورو رپورٽ/ م ڊ) جنگبندي کان پوءِ پاڪ ڀارت ڊائريڪٽر جنرل ملٽري آپريشنز (ڊي جي ايم اوز) جي وچ ۾ هاٽ لائن تي رابطو ٿيو آهي. ڀارتي ميڊيا موجب پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ جي لاءِ ڪوششون شروع ٿي ويون پاڪستان جي ڊي جي ايم او ميجر جنرل ڪاشف عبدالله ۽ / ڏسو صفحو 2 بقايا 07

جنگبندي، اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ تيزي 9475 پوائنٽ جو اضافو

سومر تي اسٽاڪ مارڪيٽ کلندي ئي 9 هزار پوائنٽ کان مٿي چڙهي وئي
اپر لمٽ ڪيپ يعني 9475.49 پوائنٽ تي پهچندي ئي ڪاروبار معطل ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) سومر تي اسٽاڪ مارڪيٽ کلندي ئي 9 هزار پوائنٽ کان مٿي چڙهي وئي ۽ اپر لمٽ ڪيپ يعني 9475 / ڏسو صفحو 2 بقايا 13

بجيٽ ۾ پگهاردار طبقي کي رليف ڏيڻ جي تجويز پيش، پگهاردار طبقي لاءِ رليف جا امڪان

حڪومت ايندڙ بجيٽ لاءِ آءِ ايم ايف سان تجويز ڪيل ٽيڪسيشن قدمن جا اهم نڪتا پيش ڪري ڇڏيا
نڪتن ۾ مختلف انڪم سليب (آمدني جي درجا بندي) ۾ پگهاردار طبقي تي ٽيڪس جو بار گهٽائڻ جي تجويز شامل
آءِ ايم ايف سان ڳالهين هيٺ آيل نڪتا پڻ پيش، بجيٽ ۾ پگهاردار طبقي کي 50 ارب جو رليف ملي سگهي ٿو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) حڪومت ايندڙ بجيٽ لاءِ آءِ ايم ايف سان تجويز ڪيل ٽيڪسيشن قدمن جا اهم نڪتا پيش ڪري ڇڏيا آهن. مهتاب حيدر جي ڇپيل رپورٽ موجب انهن نڪتن ۾ مختلف انڪم / ڏسو صفحو 2 بقايا 06

وزير توانائي ناصر شاهه جي صدارت هيٺ ڪابينا سب ڪميٽي جو اجلاس، 25 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان ڪيڊٽ ڪاليج ٺاروَ کي سولرائيزيشن ڪرڻ جو فيصلو

سڄي قوم کي پنهنجي باوقار پاڪ فوج تي فخر ۽ مڪمل اعتماد آهي: سيد ناصر حسين شاهه

پاڪ فوج دشمن جي بزدلانه جارحيت جو منهن ٽوڙ جواب ڏئي قوم جو ڳاٽ اوچو ڪيو: صوبائي وزير
اجلاس ۾ ڪي ڊبليو ايس ايس آءِ پي جي منصوبي لاءِ 885 ملين رپين جي منظوري ڏئي ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) توانائي ۽ منصوبه بندي بابت سنڌ جي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته سڄي قوم کي پنهنجي باوقار پاڪ فوج تي فخر ۽ مڪمل اعتماد آهي. پاڪ فوج دشمن جي بزدلانه جارحيت جو منهن ٽوڙ جواب ڏئي قوم / ڏسو صفحو 2 بقايا 08

ڪراچي: صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ کان پوءِ پاڪستان ۾ فضائي آپريشن معمول تي اچڻ شروع

لاهور، سيالڪوٽ، ڪراچي، پشاور ۽ اسلام آباد ۾ فلائيٽ آپريشن معمول موجب جاري
ملڪي ۽ پرڏيهي ايئر لائنز شيڊول موجب اڏامن جي روانگي ۽ آمد جي شروعات ڪئي آهي: اختيارين
واضح رهي ته پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ سبب فلائيٽ آپريشن جي عارضي معطلي سبب ڪجهه اڏامن جو شيڊول متاثر ٿيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ کان پوءِ پاڪستان ۾ فضائي آپريشن معمول تي اچڻ شروع ٿي ويو آهي. / ڏسو صفحو 2 بقايا 10

ڪشمير مسئلي جي حل لاءِ ٻنهي ملڪن وٽ اهو سنهري موقعو آهي: خواجه آصف

ڀارت سان ڳالهيون ٿيون ته ڪشمير، پاڻي ۽ دهشتگردي تي ڳالهيون ڪيون وينديون
ڪشمير، دهشتگردي ۽ پاڻي اهي ٽئي اهڙا معاملا آهن جيڪي گذريل 76 سالن کان انهي جي تاريخ آهي
تقريبن سموريون جنگيون ئي ڪشمير تي وڙهيون ويون آهن، هڪ ڏينهن اڳ واري جنگ به ڪشمير جو مسئلو هو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) دفاع واري وزير خواجه آصف چيو آهي ته جيڪڏهن ڀارت سان ڳالهيون ٿيون ته ڪشمير، پاڻي ۽ دهشتگردي تي ڳالهيون ڪيون وينديون، جڏهن ته ڪشمير مسئلي جي حل لاءِ ٻنهي ملڪن وٽ اهو سنهري موقعو آهي تجي تي وي سان ڳالهيون ڪندي دفاع واري وزير خواجه آصف چيو ته ڪشمير، دهشتگردي / ڏسو صفحو 2 بقايا 09

ڀارت هاڻ ڪنهن به اڳرائي کان ڀهريان سئو ڀيرا سوچيندو: محسن نقوي

20 سالن جو شهيد نوجوان خاندان جو واحد سهارو هو، اسان شهيدن جي وارثن سان گڏ آهيون: وفاقي گهرو وزير
شهيدن جي گهر ڀاتين جي هر ممڪن مدد ڪنداسين، شهيد قوم جو فخر آهن، اسان جي فوج دشمن جو ڀرپور مقابلو ڪيو
ڀارت جا پير زمين تي نه هئا، هاڻ جنگ ميڊيا ۽ سفارتي محاذ تي به وڙهي وينڊي آهي، ٻنهي محاذن تي کيس شڪست ملي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) گهرو وزير محسن نقوي چيو آهي ته ڀارت هاڻ ڪنهن به اڳرائي کان ڀهريان 100 ڀيرا سوچيندو. گهرو وزير محسن نقوي صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو ته 20 سالن / ڏسو صفحو 2 بقايا 11

ساليانى ترقياتي پروگرام ۾ نئين اسڪيمون شامل ڪيون وڃن، رٿائون وقت سر مڪمل ڪريو: سيد مراد شاهه

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ وزيراعليٰ هائوس ۾ هڪ اعليٰ سطح جو اجلاس، پوڙ متاثر اسڪولن جي نئين سر تعمير هيٺ ترقياتي منصوبا ترجيح هوندا: وڏو وزير
مالي سال 2025_26 لاءِ صوبائي بجٽ جو حصو بڻجندڙ ساليانى ترقياتي پروگرام (اي ڊي پي) تجويزن جو جائزو ورتو ويو، گذريل سال ترقياتي پروگرام 493 ارب هو
ترقياتي پروگرام ۾ ڪيترين ئي ترقياتي اسڪيمون شامل ڪيون وينديون جن ۾ پاڻي جي فراهمي، نيڪال آب، سج جي توانائي، صنعتي ۽ زرعي ترقي هوندي
رٿابندي ۽ ترقي کاتي پنهنجي سيڙپ جاري ۽ ڇاڙايل اسڪيمن جي منصوبابندي احتياط سان ڪري، جاري ۽ مڪمل ٿيندڙ اسڪيمن کي ترجيح ڏني وڃي
نون تجويزن جي منظوري کان اڳ انهن جو مڪمل جائزو وٺو موجوده مالي سال دوران 4644 ترقياتي اسڪيمون جاري آهن، اميد ته 1812 اسڪيمون جون ۾ مڪمل ٿيندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ وزيراعليٰ هائوس ۾ هڪ اعليٰ سطح جو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ مالي سال 2025_26 لاءِ صوبائي بجٽ جو حصو بڻجندڙ ساليانى ترقياتي پروگرام (اي ڊي پي) تجويزن جو جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ وزير / ڏسو صفحو 2 بقايا 14

شڪارپور ۾ رينجرز ۽ پوليس جو ڪچي ۾ گڏيل آپريشن، گذريل اغوا ٿيل 7 مغوي بازياب

گذريل رات نامعلوم هٿياربند ست ڄڻن کي اغوا ڪيو جنهن کان پوءِ ايس ايس پي شڪارپور جي اڳواڻيءَ ۾ آپريشن ڪري ڳوٺ سڪيو ملڪ جي رهواسين کي بازياب ڪرايو ويو
بازياب ٿيلن ۾ عزيز، نور محمد، فرمان، شفي محمد، احسان، عبدالمجيد ۽ 4 ورهين جو معصوم سلمان ملڪ شامل، وارثن ۾ سرهائي، خوشي جو اظهار
رينجرز ونگ ڪمانڊر جي نگرانيءَ هيٺ ٿيل هن آپريشن ۾ هيومن انٽيليجنس جي مدد سان مغوين جي تلاش شروع ڪئي وئي، جنهن ۾ ڪاميابي ملي: ايس ايس پي شڪارپور
ڌاڙيلن جا ٺڪاڻا تباهه ڪيا ويا ۽ مغوين کي بحفاظت آزاد ڪرايو ويو: ملڪ برادري جي وارثن ۽ سول سوسائٽي پاران ايس ايس پي شاهزيب چاچڙ ۽ سنڌس ٽيم جي واکاڻ
هي آپريشن ان وقت تائين جاري رهندو، جيستائين ڌاڙيلن جو مڪمل خاتمو نه ٿي وڃي

شڪارپور (رپورٽر) رينجرز ۽ پوليس جو ڪچي ۾ گڏيل آپريشن، 7 مغوي بازياب. شڪارپور پوليس ۽ رينجرز پاران سکر جي ڪچي واري علائقي شاهه بيلو ۾ ڪامياب ٽارگيٽڊ گڏيل آپريشن دوران 7 مغوي بازياب ڪرايا ويا ايس ايس پي شڪارپور شاهزيب چاچڙ جي اڳواڻيءَ ۾ ڪيل / ڏسو صفحو 2 بقايا 15

پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ جنگبندي ٿيڻ جي باوجود 24 ڀارتي ايئرپورٽس اڃان تائين بند

امرتسر، سرينگر، جمون، لداخ، ڌرم شالا، شملا، آدم پور، چنڊي ڳڙهه سميت مختلف شهرن ۾ اڄ به سموريون اڏامون ملتوي
ڪالهه جون 444 اڏامون به ملتوي، 7 ڏينهن کان بند سري نگر ايئرپورٽ تان روزاني جون 65 اڏامون ملتوي ڪيون ويون
چنڊي ڳڙهه جون ڪالهه جون سموريون 84 اڏامون، جوڌپور ايئرپورٽ جون 20 اڏامون ملتوي ڪيون ويون

نئين دهلي (م ڊ) پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ جنگبندي ٿيڻ جي باوجود 24 ڀارتي ايئرپورٽس / ڏسو صفحو 2 بقايا 17

آمريڪا ۽ چين ۾ واپاري معاهدو طئه ٿي ويو، وائيٽ هائوس تصديق ڪري ڇڏي

چين سان ڳالهين ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي ۽ واپاري معاهدي جي تفصيل جاري ڪيا ويندا: آمريڪي خزاني واري سيڪريٽري
چين سان ڳالهين جي نتيجي ۾ مثبت اڳڀرائي ٿي آهي ۽ اهو معاهدو واپاري خساري کي گهٽائڻ ۾ مدد ڪندو: جيميسن گريس
اهو معاهدو آمريڪا جي 1.2 ٽريلين ڊالر جي واپاري خساري کي گهٽائڻ لاءِ اهم آهي، صدر کي آگاهه ڪيو آهي

جنيوا (م ڊ) جنيوا ۾ آمريڪا ۽ چين جي وچ ۾ هڪ واپاري معاهدو طئه ٿيو آهي. وائيٽ هائوس موجب آمريڪي صدر کي ڳالهين / ڏسو صفحو 2 بقايا 16

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

مرحوم مولانا عبدالباسط تاريخي شاهجهان مسجد جو شاهي خطيب لاڏاڻو ڪري ويو

مولانا عبدالباسط صديقي کي دل جو دورو پوڻ کان پوءِ سول اسپتال مڪلي نيو ويو، جتي هن دم ڏني حوالي ڪيو
صديقي جي جنازي نماز اڄ ظهر جي نماز کان پوءِ شاهه جهان مسجد ۾ ادا

ٺٽو (ن س) ٺٽي جي تاريخي شاهجهان مسجد جا پيش امام مولانا عبدالباسط صديقي لاڏاڻو ڪري ويا آهن. مفتي مولانا / ڏسو صفحو 2 بقايا 19

پي ايس ايل جي باقي ميچن لاءِ 16_18 مئي جي تاريخن تي غور

لاهور (م ڊ) پاڪستان سپر ليگ (پي ايس / ڏسو صفحو 2 بقايا 18

صوبائي وزير ۽ برگيڊيئر اسد وارا ب ڊرون حملي ۾ زخمي ٿيل نوجوان جي عيادت

زخمي نياز جعفري جي چام اڪرام الله ڌاريجو، ڪمانڊنٽ 34 برگيڊ برگيڊيئر اسد عيادت ڪري گلدستو ڏنو
ڪنهن کي به پاڪستان خلاف ميري اک ڪڻڻ نه ڏينداسين: برگيڊيئر اسد/ جام اڪرام الله ڌاريجو

سکر (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير صنعت ۽ تجارت جام اڪرام الله ڌاريجو ڪمانڊنٽ 34 برگيڊ برگيڊيئر اسد ڪجه / ڏسو صفحو 2بقايا 21

پي اي سي سنڌ جو اجلاس: صحت کاتو 6 ارب رپين جي آڊٽ جو رڪارڊ فراهم نه ڪري سگهيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پبلڪ اڪائونٽس / ڏسو صفحو 2 بقايا 20

محمد سليم بلوچ پاران کاتي جي مجموعي ڪارڪردگي تي ناراضگي جو اظهار

گذريل گڏجاڻي ۾ ڪيل فيصلن تي اڃا تائين عملدرآمد نه ٿيڻ افسوسناڪ آهي: محمد سليم بلوچ
وڏي وزير جي خاص مددگار محمد سليم بلوچ جي صدارت هيٺ اجلاس دوران ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ جي پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ڳوٺاڻي ترقي بابت خاص مددگار محمد سليم بلوچ / ڏسو صفحو 2 بقايا 23

منشيات روڪٿام ڪيس: شاگردن کي شيون سڌي ريت پهچائڻ بند ڪرڻ جو حڪم

تعليمي نصاب ۾ تعليمي ادارن ۾ منشيات جي روڪٿام ۽ آگاهي شامل ڪرڻ جي درخواست تي ٻڌڻي
سامان پهچائڻ بند ڪرڻ جي حڪم تي عمل نه ڪندڙ اسڪولن ۽ ڪاليجن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي
منشيات ڪوريئرز ۽ ڊليوري ماڻهن ذريعي اسڪولن ۽ ڪاليجن تائين پهچن ٿا، مهرباني ڪري چيڪ ڪريو: ريمارڪس

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ منشيات جي روڪٿام جي ڪيس ۾ تعليمي ادارن ۾ شاگردن کي سڌو سنئون سامان پهچائڻ بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. تعليمي نصاب ۾ تعليمي / ڏسو صفحو 2 بقايا 22

روهڙي ۾ فقير قادر بخش بيدل جو 157 هين عرس مبارڪ جون تقريبون شروع

ڊپٽي ڪمشنر سکر ڊاڪٽر ابرار راجا ڌاريجو مزار تي چادر چاڙهي عرس مبارڪ جي تقريبن جو افتتاح ڪيو
بيدل پنهنجي شاعري ۽ درويشانه زندگي ذريعي امن، محبت، ڀائيچاري ۽ انسان دوستي جو پيغام ڏنو: ڊي سي
صوفي بزرگن جي تعليمات کي اختيار ڪرڻ سان معاشري جي ترقي ۽ روحاني فلاح ممڪن آهي
14 مئي سکر ۾ عام موڪل آهي ته جيئن شهرين ۽ زائرين کي شرڪت ۾ آساني ٿئي: ڊاڪٽر ابرار راجا ڌاريجو
افتتاحي تقريب ۾ بيدل بڪس يادگار ڪاميٽي جي چيئرمين صاحبزاده محمد عبيدالله قريشي ۽ ٻيا پڻ موجود

سکر (بيورو رپورٽ) روهڙي ۾ حضرت فقير قادر بخش بيدل جو 157 هون عرس مبارڪ جون تقريبون شروع ٿي ويون، ڊپٽي / ڏسو صفحو 2 بقايا 24

روهڙي: ڊي سي فقير قادر بخش بيدل جي عرس جي موقعي تي چادر چاڙهي رهيو آهي

گورنر هائوس ۾ پاڪ فوج سان اظهار تشڪر جشن ملهائڻ جو اعلان

آپريشن بنيان المرص جي ڪاميابي گورنر هائوس سنڌ ڪراچي کان اسلام آباد تائين جشن جو ماحول آهي: ٽيسوري
پاڪستان کي بچائي ڀارت جي ذلت جو جشن ملهائينداسين، پاڪ فوج ڀارت کي گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪيو
شهري پنهنجن ڀاڙيسري فوجن جي گهرن ڏانهن مٺايون ۽ گلن جا هار موڪلين، آئون پاڻ مٺايون ڪارائيندس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته اڄ 13 مئي تي گورنر / ڏسو صفحو 2 بقايا 26

سڄي قوم کي پنهنجي باوقار پاڪ فوج تي فخر ۽ مڪمل اعتماد آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) توانائي ۽ منصوبه / ڏسو صفحو 2 بقايا 26

سانگهڙ ۾ چئن ٻارڙن جي ماءُ قتل، وارثن جو لاش رکي ڌرڻو

فاطمه شر ريٽائرڊ پوليس انسپيڪٽر پٺاڻ خان شر جي ڌيءَ قتل ٿي وئي
اسان جي نياڻي کي سنڌس سهري ۽ ڏيرن منهن تي ريهاڙو ڏئي قتل ڪيو، ڪيس داخل نه پيو ڪئي: وارث

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ ويجهو منگلي ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ وليو خاصخيلي ۾ مبينه طور تي مارجي ويل چئن ٻارڙن جي ماءُ فاطمه / ڏسو صفحو 2 بقايا 25

گمبٽ ۾ قومي شاهراه تي هٿيارٻندن جي فائرنگ، 2 ڄڻا مارجي ويا، 2 سخت زخمي

قومي شاهراه تي تاج پيٽرول پمپ وٽ جوڻيجا برادري ماڻهن مٿان هٿيارٻندن جي فائرنگ جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا قتل ٿي ويا
مقتولن جي سڃاڻپ اختيار ۽ جاويد جوڻيجو طور ٿي، زخمين ۾ سپاهي فوج عليءَ جوڻيجو، اظهر شاهاڻي شامل
پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمين ۽ فوتين کي گمبٽ گمس اسپتال منتقل ڪيو، واقعي جو ڪيس داخل

گمبٽ (رپورٽر) گمبٽ قومي شاهراه تي تاج پيٽرول پمپ وٽ جوڻيجا برادري ماڻهن مٿان هٿيارٻندن جي فائرنگ جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا قتل ٿي ويا آهن جڏهن ته 2 سخت زخمي ٿي پيا آهن هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويلن جي سڃاڻپ جوڻيجا برادري جي اختيار ۽ جاويد جوڻيجو / ڏسو صفحو 2 بقايا 27

گمبٽ: هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويلن جا لاش پيل آهن

لاڙڪاڻي تعليمي بورڊ پاران بنيان المرصوص جي ڪاميابي تي ريلي

بورڊ جي چيئرمين خالد حسين مهر جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي شرڪت ڪندڙن قومي جهنڊا کڻي پاڪ فوج زنده باد جا نعرا هنيا
آپريشن بنيان المرصوص جي ڪاميابي تي شڪريو ادا ڪرڻ جي ريلي جو انعقاد ڪيو ويو آهي: خالد حسين مهر
آپريشن جي ڪاميابي جو ڪريڊٽ پاڪستان جي بهادر فوجن ڏانهن وڃي ٿو، وطن جي محافظن خراج تحسين پيش

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) آپريشن بنيان المرصوص جي تاريخي ڪاميابي تي لاڙڪاڻي ۾ جشن، پاڪستان فوج سان شڪريو ادا ڪرڻ لاءِ ريلي ڪڍي وئي، لاڙڪاڻو تعليمي بورڊ پاران بورڊ آفيس کان / ڏسو صفحو 2 بقايا 29

ڪراچي ۾ ڊمپر واقعن ۾ اڃان به واڌ، ڪار کي ٽڪر، هڪ ئي خاندان جا ٽي ڄڻا فوت

سرجاني ناردرن بائي پاس تي هڪ ڊمپر ٽرڪ جي ٽڪر ۾ هڪ ئي خاندان جا ٽي ماڻهو فوت ٿي ويا
فوت ٿيندڙن جي سڃاڻپ سليمان، اسامه ۽ فراز طور ٿي آهي، سليمان ۽ اسامه پيءُ ۽ پٽ آهن: پوليس
حادثو تيز رفتاري سبب پيش آيو ۽ ڊمپر ڊرائيور حادثي کان پوءِ فرار ٿي ويو، ماڻهن ۾ ڪاوڙ جي لهر

ڪراچي (رپورٽر) سرجاني ناردرن بائي پاس تي هڪ ڊمپر ٽرڪ جي ٽڪر ۾ هڪ ئي خاندان جا ٽي ماڻهو فوت ٿي ويا. پوليس موجب، فوت ٿيندڙن جي سڃاڻپ سليمان، اسامه ۽ فراز طور ٿي آهي. سليمان / ڏسو صفحو2 بقايا 30

ڀرتين واري عمل تي ڪم شروع ڪيو ويو آهي: سعيد غني

آءِ بي اي سکر طرفان ورتل ٽيسٽ کي ختم ڪرڻ بجاءِ برقرار رکيو آهي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) مڪاني ادارن واري کاتي جي صوبائي وزير سعيد غني جي صدارت هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس لاڙڪاڻو / ڏسو صفحو 2 بقايا 28

ڪراچي جناح اسپتال ويجهو هوٽل ۾ فائرنگ، چانهه پيئڻ آيل نوجوان قتل، 5 زخمي

ڪراچي ۾ جناح اسپتال ويجهو جوابدار هوٽل ۾ فائرنگ ڪئي، هڪ شخص مارجي ويو ۽ پنج زخمي ٿي پيا
مقتول جي سڃاڻپ عمران جي نالي سان ٿي، جيڪو هوٽل تي چانهه پيئڻ ويو هو: ايس ايس پي
جوابدار ظهير هوٽل ۾ انڌاڌنڌ فائرنگ ڪئي، جڏهن ته جوابدار پاڻ کي به گولي هٽي زخمي ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ جناح اسپتال ويجهو فائرنگ ۾ هڪ شخص مارجي ويو ۽ پنج زخمي ٿي پيا، فائرنگ جو واقعو قر دوران پيش آيو، پوليس جو چوڻ آهي ته مقتول جي سڃاڻپ عمران جي نالي سان ٿي / ڏسو صفحو 2 بقايا 31

روزاني

سُڪار

ڪراچي

E-mail: sukaarkhi@yahoo.com

ڪراچي آفيس: 021_32700091، 021_32700092، 021_32721870

فيڪس نمبر: 02132700176

حيدرآباد آفيس: فون نمبر: 022_2671764_022_2102381

فيڪس نمبر: 022_2671771_022_2102293

ائڊيٽر : پبلشر شفيق احمد پيرزادي فرحان پرنٽنگ پريس پاڪستان چوڪ مان ڇپرائي امير ميڊيڪل سينٽر روم نمبر 103، 114 ۽ 115 ٿين ماڙ ايم اي جناح روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي.

اڱارو 13 مئي 2025ع بمطابق 15 ذوالقعد 1446 هجري

پاڪ ڀارت جنگبندي ۽ آپريشن بنيان المرصوص جي مڪمل وارو اعلان

آرمي چيف جنرل چيو آهي ته ملڪي سلامتي جو دفاع ڪيئن ڪرڻو آهي اهو اسان چڱي ريت ڄاڻون ٿا. ڀارت کي منهن ٽوڙ جواب ڏيندڙ آپريشن بنيان مرصوص جي ڪاميابي کان پوءِ آءِ ايس پي آر طرفان آرمي چيف جنرل عاصم منير جي بيانن جي هڪ وڊيو شيئر ڪئي وئي آهي جنهن ۾ هن ملڪي سلامتي ۽ خودمختياري جي حوالي سان ڳالهيون ڪندي ڏٺي سگهجي ٿو. وڊيو ۾ آرمي چيف جنرل عاصم منير چئي رهيو آهي ته الحمدالله تاريخ اهو ثابت ڪيو آهي ته پاڪ فوج ۽ قوم هر جارحيت خلاف پوري طاقت سان وڙهي سگهي ٿي. آرمي چيف چيو ته علائقائي سالميت ۽ خودمختياري جي تحفظ لاءِ پاڪستان ۾ تمام گهڻي دفاعي صلاحيت موجود آهي. ملڪي سلامتي جو دفاع ڪيئن ڪرڻو آهي اهو اسان چڱي ريت ڄاڻون ٿا. جنرل عاصم منير چيو ته 13 لک ڀارتي فوج پنهنجن سمورن هٿيارن سان اسان کي ديڄاري ۽ ڌمڪائي نٿي سگهي. اسان جي بزرگن ۽ اسان هن ملڪ کي ٺاهڻ جي لاءِ تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن. اسان هن ملڪ جي حفاظت ڪرڻ به ڄاڻون ٿا. ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چئي رهيو آهي ته اسان ڀارت جي طاقت، مڪاري ۽ جارحيت کان ڊڄڻ واري قوم نه آهيون.

ڀارتي جارحيت جي جواب ۾ پاڪستاني فوج پاران شروع ڪيل ’آپريشن بنيان المرصوص‘ جي مڪمل ٿيڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. پاڪ فوج جي انٽر سروسز پبلڪ رليشنز (آءِ ايس پي آر) پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان آپريشن بنيان المرصوص جي مڪمل ٿيڻ جو اعلان ڪيو آهي. پاڪ فوج جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب، 6 ۽ 10 مئي جي وچ ۾ ڪيل ڪارروائيون آپريشن بنيان المرصوص جو حصو هيون. پاڪستان 22 اپريل کان 10 مئي تائين هندستان سان جنگ کي سچ جي جنگ جو نالو ڏنو. بيان موجب، آپريشن بنيان المرصوص ڀارتي فورسز جي بزدلاڻه جارحيت جي جواب ۾ ڪيو ويو، جنهن ۾ ڀارتي حملي ۾ بيگناهه شهري شهيد ٿيا. آءِ ايس پي آر چيو ته پاڪستان حملن جو بدلو وٺڻ ۽ انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. الحمدالله، پاڪستاني فوج عوام سان ڪيل پنهنجو واعدو پورو ڪيو.

جنگبندي کان پوءِ پاڪ ڀارت ڊائريڪٽر جنرل ملٽري آپريشنز (ڊي جي ايم اوز) جي وچ ۾ هاٽ لائن تي رابطو ٿيو آهي. ڀارتي ميڊيا موجب پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ جي لاءِ ڪوششون شروع ٿي ويون پاڪستان جي ڊي جي ايم او ميجر جنرل ڪاشف عبدالله ۽ ڀارتي ڊي جي ايم او ليفٽيننٽ جنرل راجيو گهائي جي وچ ۾ هاٽ لائين تي رابطو ٿيو آهي جنهن ۾ جنگبندي سميت مختلف معاملن تي ڳالهيون ڪيون پيون وڃن. ڪجهه ڏينهن اڳ 10 مئي جي ٻنهي ملڪن جو ڊي جي ايم اوز جي وچ ۾ رابطو ٿيو هو جنهن ۾ فوري سيزفائر تي اتفاق ڪيو ويو هو. ٽيليفونڪ رابطي ۾ زميني، فضائي ۽ بحري سميت هر طرح جي فائرنگ ۽ فوجي ڪارروائي روڪڻ تي اتفاق ڪيو ويو هو. ياد رهي ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاڪ ڀارت جنگبندي جو اعلان ڪيو هو ٻنهي ملڪن مسئلن جي حل لاءِ ٽئين ملڪ جي ثالثي ۾ ڳالهين جي لاءِ راضپي جو اظهار ڪيو. آمريڪي پرڏيهي وزارت پنهنجي بيان ۾ چيو هو ته پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ ڳالهين جا حامي آهيون. هن چيو هو ته امن جو رستو چونڊ ڪرڻ تي پاڪ ڀارت وزيراعظمن جي دانشمندي جي تعريف ڪريون ٿا. آمريڪا تعميري ڳالهين کي همٿي ڏيڻ جي لاءِ تعاون جاري رکندو.

پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ کان پوءِ پاڪستان ۾ فضائي آپريشن معمول تي اچڻ شروع ٿي ويو آهي. ايئرپورٽ اختيارين موجب سمورن وڏن هوائي اڏن خاص طور تي لاهور، سيالڪوٽ، ڪراچي، پشاور ۽ اسلام آباد ۾ فلائيٽ آپريشن معمول موجب جاري آهن. اختيارين جو چوڻ آهي ته ملڪي ۽ پرڏيهي ايئر لائنز شيڊول موجب اڏامن جي روانگي ۽ آمد جي شروعات ڪري چڪي آهي. جڏهن ته عرب امارات جي ايئرلائنز به پاڪستان جي لاءِ پنهنجون اڏامون بحال ڪري چڪيون آهن. سعودي ايئر لائين طرفان پاڪستان جي لاءِ فضائي آپريشن سياڻي کان ڀيهر شروع ڪرڻ جو امڪان آهي. ايئرپورٽ اختيارين موجب پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ سبب فلائيٽ آپريشن جي عارضي معطلي سبب ڪجهه اڏامن جو شيڊول متاثر ٿيو پر هاڻ نظام تيزي سان بحال ٿي رهيو آهي. اختيارين مسافرن کي مشورو ڏنو آهي ته اهي ايئرپورٽ روانو ٿيڻ کان اڳ پنهنجي لاڳاپيل ايئرلائين جي هيلپ لائن تان اڏام جي وقت جي تصديق ضرور ڪري وٺن ته جيئن ڪنهن به امڪاني پريشاني کان بچي سگهجي.

رياست ۽ سياست

اعجاز منگي

“جهنگ جي باهه”

جنگ جهنگ جي باهه جيان هوندي آهي. جهنگ جي باهه جي ابتدا ته ڪا ننڍڙي چڻنگ به ڪري سگهي ٿي. ڪو سگريٽ جو اڻ وسايل ٽوٽو به ان جو سبب بڻجي سگهي ٿو پر جهنگ جي باهه کي اجهائڻ آسان نه هوندو آهي. جهنگ جو باهيون صرف برازيل واري ايمازون جهنگ ۾ نه ڀڙڪنديون آهن پر اهي روس، ڪينيڊا ۽ يورپ جي يونان، اسپين، اٽلي ۽ فرانس جي ٻيلن کي به پنهنجي لپيٽ ۾ آڻينديون آهن. تازو آمريڪا جي حسين ۽ مهانگي رياست لاس اينجلز ۾ ٻيلي جي باهه ڀڙڪي ڪيترن ڏينهن تائين عالمي ميڊيا جو گرم موضوع رهي پر صرف ڪيليفورنيا نه پر ايريزونا، اوريگن ۽ وڏي ڳالهه ته واشنگٽن جهڙي آمريڪا جي آفيشل رياست به جهنگ جي باهه کان پوءِ ڪيترن ڏينهن تائين ڪنٽرول ۾ نه ايندي آهي. ان ڪري اهي ڏاها انسان جن جنگ ۽ امن جي باري ۾ وڏي ڌيان سان سوچيو ۽ ويچاريو انهن جو اهو خيال رهيو آهي ته جنگ ٻيلي جي باهه جيان آهي. ان کي انسان جي ننڍڙي غلطيءَ يا ٻي ڌياني يا فطرت جي ڪنهن سبب سان جنم وٺي سگهي پر ان تي ضابطو رکڻ ناممڪن حد تائين مشڪل هوندو آهي. جهنگ جي باهه جيان ٻن يا ٻن کان وڌيڪ ملڪن ۾ جنگ شروع ته ڪنهن شرارت سان به ٿي ويندي آهي پر اسان کي عالمي جنگين جي پسمنظر ۾ انسانيت ان جنگ جي آڏو ڏاڍي هيڻي ۽ بيوس نظر آئي. ان ڪري جنگين جي باهه ۾ جليل ملڪن جا اديب ۽ دانشور امن تي اصرار ڪندي چوندا آهن ته جنگ ماڻهپي لاءِ ايتري ته مهانگي آهي جو امن جي قيمت ڪٿڻ ٿي نه ڪيي.

ڀارت ۽ پاڪستان ۾ تازي جنگ ته پهلگام واري ٽورسٽ پوائنٽ تي ٿيل دهشتگرديءَ واري واقعي کان ٿي پر اها جنگ لائين آف ڪنٽرول تائين به محدود نه رهي. پاڪستان جي عسڪري تاريخ تي نظر رکڻ وارا چون ته 1971ع واري جنگ کان پوءِ پهريون ڀيرو آهي جو ننڍي کنڊ جي ٻن ملڪن ۾ شروع ٿيل جنگ ايتري وڏي علائقي ۾ پکڙجي وئي جو ان جي لپيٽ ۾ صرف لاهور ۽ پنڊي نه پر ڪراچيءَ جو مليرءَ حيدرآباد جو اهو ڄامشورو به آيو جنهن جي ٻولهاڙي ڀارتي ميزائل جو نشانو بڻي ۽ امن جو پکي ڪيرٿر پهاڙين تان اڏامي ويو.

هن ڀيري پاڪستان ۽ ڀارت واري جنگ دوران ڪجهه ڌماڪا اوڀر پنجاب جي شهر لڌيانا ۾ به ٻڌا ويا. جنهن لڌيانا ۾ ننڍي کنڊ جي هڪ وڏي انقلابي شاعر ساحر جنم ورتو ۽ جنهن لکيو هو:

“جنگ تو خود هي ايک مسئله هي

جنگ کيا مسئلون کا حل ديگي

آگ اور خون آج بخشي گي

ڀوک اور احتياج کل ديگي

اس ليي اي شريف انسانو

جنگ ٹلتي رهي تو بهتر هي

آپ اور هم سبهي کي آنگن مين

شمع جلتي رهي تو بهتر آهي”

پر امرتا پريتم جي پهرين پيار کي ڪير سمجهائي ته جنگ رياست ڪندي آهي. رياست کي ڪنٽرول سياست ڪندي آهي. ڪيتري وقت کان وٺي اقتداري سياست شريف هٿن ۾ ناهي؟ ان سوال تي ساحر جاهم وطن به سوچين ته فيض جي ڌرتيءَ جا انسان به ويچارين ته بهتر ٿيندو.

“ننڍي کنڊ جا ناڪام هيمنگوي”

آمريڪا جو نوبل انعام يافتا ۽ ارڏو اديب ارنيسٽ هيمنگوي اسپين واري جنگ ۾ قلم رکي پاڻ به بندوق کڻي وڙهيو هو جو خيال هو ته فرانڪو جي فاشزم کي صرف ٻوليءَ سان شڪست ڏئي نه ٿي سگهجي. ان جي لاءِ گولي به هلائڻي پوندي. هيمنگوي کي فطرت جي عظيم مظهرن، يعني سمنڊن، پهاڙن ۽ ٻيلن کان سواءِ بل فائيٽنگ ۽ شڪار ۾ به تمام گهڻي دلچسپي هوندي هئي. هن جا موضوع انسان جي مستقل جدوجهد کان سواءِ اها جنگ رهي. جنهن تي هن صرف “گهنڊ ڪنهن جي لاءِ وڄي رهيو آهي؟” جهڙو شاندار ناول نه تحرير ڪيو پر هن “فيئرويل ٽو آرمز” جهڙو اندر ۾ آڪيرو ڪري ويهندڙ اهو ناول به لکيو جنهن کي پنجاب جي جڳ مشهور اديب اشفاق احمد “وداع جنگ” جي نالي سان ترجمو ڪيو هو ان ناول ۾ هيمنگوي اهي لفظ به لکيا هئا: “مان هميشه شاندار ۽ قربانيءَ جهڙن مقدس لفظن تي شرمندو ٿيس. مون کي بظاهر شاندار لڳندڙ شين ۾ ڪا عظمت نظر نه آئي. قربانيءَ کي ته مون شڪاگو جي گوشت مارڪيٽ ۾ وڪامندي ڏٺو”.

هيمنگوي ساڳي ناول ۾ اهو به لکيو آهي ته: هن مون کي چيو “ممڪن آهي تون وري مون سان محبت ۾ ڦاٿجي وڃي”.

مون چيو “ڪٿ ۾ وڃي سڀ ڪجهه... مان هاڻي به توسان محبت ڪريان ٿو پر آخر تون ڇا ٿي چاهين؟ ڇا تون کي برباد ڪرڻ چاهين ٿي؟”

هڪ حسين عورت يا باڪمال مرد جي محبت تباهه ڪري يا نه ڪري پر جنگ ته سدائين تباهه ڪندڙ شيءِ رهي آهي.

اها جنگ جنهن جو ذائقو ننڍي کنڊ وڏي وقت کان پوءِ پنهنجن چپن تي آندو ان جي تلخيءَ کي اڃان برصغير جي ماڻهن پوري طرح سان محسوس به نه ڪيو ته آمريڪا امن جي علامت بڻجي ٻنهي ملڪن جي وچ واري جهنگ جي باهه يعني جنگ جو انت آڻي ويو؟ ڇا هيمنگوي جي ملڪ جو صدر ايترو امن پسند آهي جو هن کي اهو خوف وڪوڙي ويو ته پاڪستان ۽ ڀارت جا غريب ماڻهو جنگ سبب بک ۾ پاهه ٿيندا؟ جنهن ويتنام کان وٺي افغانستان تائين ماڻهن جي مٿان بارود وسايا هجن ۽ جنهن ملڪ ختم ٿيل جنگ جو اعلان جاپان جي ٻن شهرن مٿان ايٽم بم اڇلي ڪيو هجي، ڇا ان ملڪ جي صدر کي اهو ڊپ هوندو ته ايٽمي هٿيارن سان جنگ ٻن ملڪن جو وجود ختم ڪري سگهي ٿي؟ پر ڪو ته سبب هو جو وائيٽ هائوس “امن جي آشا” کي عملي جامو پهرائڻ ۾ ڪا دير ٿي نه ڪئي.

ڀارت جا مشهور اديب هاٿي هنديءَ بدران انگريزيءَ ۾ ناول لکن ٿا پر هندوستان جي ناڪام هيمنگويز ۾ ايتري همت ڪڏهن ايندي جو هو آمريڪا پاران ٻنهي ملڪن جي مٿان امن مسلط ڪندي ۽ ايل او سيءَ تي شانتيءَ جي پٽ تعمير ڪرڻ جا اصل سبب بيان ڪري سگهن!؟ هن ڀيري ته موديءَ جي ڀڄ جو گراف ان حد تائين ايري آيو جو ڪرڻ ٿاپر جهڙي اظهار جي آزاديءَ تان گهورو ويندڙ صحافيءَ جي زبان به پاڪستان جي صحافين ۽ دفاع جي ماهرن سان ڳالهيندي مجبور محسوس ٿيندي رهي. جڏهن ته ارون ڌتي راءِ جهڙو ارڏو آواز به جنگ جي ڌماڪن کي للڪارڻ لاءِ نه اڀريو ڇا هن ڀيري امن صرف جو اڌوري آس جو ٻيون نالو هو؟

“جديد جنگ ۽ هولناڪ هٿيار”

پروين شاڪر اردو ٻوليءَ جي حسين ۽ ذهين شاعره هئي. هن جو هڪ تمام پيارو شعر آهي:

“جنگ کا هٿيار طئه کچ اور تا

تير سيني مين اتارا اور هي”

چون ٿا ته هر جنگ جا هٿيار حڪمران ۽ جنگي جرنلن جي وچ ۾ طئه هوندا آهن. اها الڳ ڳالهه آهي ته جنگ ۾ ملڪ هڪ ٻئي کي سرپرائز به ڏيندا آهن. سرپرائز ڏيڻ وارين جنگين ڏاڍيون ڏکيون به ٿينديون آهن. پر جڏهن ته ڀارت ۽ پاڪستان ايٽمي ڌماڪن جا ڪامياب تجربا ڪيا آهن. تڏهن انهن ملڪ جي سدائين هڪ ٻئي کي ايٽمي هٿيارن جا هولناڪ نتيجا سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان حوالي سان جهڙوڪ اهو اڻ اعلانيل اتفاق آهي ته ٻئي ملڪ هڪ ٻئي خلاف ايستائين ايٽمي هٿيار استعمال نه ڪندا. جيستائين انهن ملڪ جي وجودن مٿان جياپي جو سوال سنجيده نوعيت نه اختيار ڪري وٺي.

ڇا هن ڀيري پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ واري جنگ ۾ ان خطرناڪ امڪان جي لهر پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي پيش ٿيندڙ لفظن ۾ لهرائي؟ ظاهر آهي ته نه. پر پوءِ به هن ڀيري واري جنگ ڪارگل جي ان جنگ کان وڌيڪ ڪکي رهي هئي. جنهن ۾ مرڻ وارن جو تعداد ان جنگ کان گهٽ هو جيڪا جنگ برف پوش پهاڙن جي چوٽين تي وڙهي وئي. جيتوڻيڪ ان جنگ ۾ به هوائي جهازن جو اهم ڪردار هو پر ان جنگ مهل اڃان ڊرون ايجاد نه ٿيا هئا. جيڪڏهن ڪارگل جنگ مهل ڊرون ٽيڪنالاجي ايجاد ٿي استعمال ۾ اچي ها ته شايد ان جنگ جو وقت ۽ ان جنگ جا نتيجا مختلف نڪرن ها. هن ڀيري واري جنگ ۾ نه صرف هوائي فوج جو ڪردار وڌيل نظر آيو پر هن ڀيري جنگ ۾ انسانن جو عمل دخل گهٽ ۽ اوزارن جو استعمال وڌيڪ هو.

ممڪن آهي ته هيءَ جنگ ڪجهه وڌيڪ وقت به هلي ها پر جڏهن انڊيا کي صاف نظر آيو ته جنگ جي دوران پردي پويان چين پوري طرح سان متحرڪ هو ۽ جڏهن آمريڪا ۽ اولهه پاران انڊيا کي مليل مهانگا جهاز ۽ جنگي هٿيار چين جي سستي ٽيڪنالاجيءَ سبب چور چور ٿي رهيا هئا. تڏهن هڪ ته يورپ ۽ آمريڪا جي دفاعي ڪمپنين کي خوار ٿي ختم ٿيڻ جو خوف ورائي ويو. مغربي دنيا کي اها تلخ حقيقت شدت سان محسوس ٿي ته پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ واري جنگ جو ميدان عالمي جنگي هٿيارن جو هڪ اهڙو آزمائشي مارڪيٽ بڻجي رهيو آهي. جنهن جا نه صرف يورپ پر آمريڪا مٿان به منفي اثر پوندا. ان ڪري به آمريڪا کي امن جي ڳڻتي ورائي وئي.

ڀارت کي اهو ڀئو به وڪوڙي ويو ته جيڪڏهن پاڪستان جي مدد ڪندي چين پنهنجي مٿان الزام نه لڳندي به ڀارت جي جنگي جنون کي ڀسم ڪري ڇڏيو ته پوءِ صرف چين ڀارت سرحد جا تڪراري علائقا نه پر لداخ به خطري ۾ پئجي ويندو ۽ ڀارت چين جي آڏو ڪڏهن به ڪنڌ کڻي ڳالهائڻ جهڙو نه رهندو. ان خوف سبب موديءَ پنهنجن ماڻهن جي مرضيءَ مخالف جنگ جو ايترو تڪڙو اختتام ڪيو جيترو جلد ان جنگ جو انت ڪنهن دفاعي ماهر سوچيو به نه هو.

مودي حڪومت جي مٿي ۾ اها هوا هئي ته پاڪستان معاشي بحران سبب جنگ جو خرچ برداشت نه ڪري سگهندو. ڀارت پيڪبون ڏيندي چين جي چپ واري ٻولي سمجهڻ ۾ جنهن غلطيءَ جو مظاهرو ڪيو ان جو غم هن جي دل ۾ گهڻي وقت تائين دکندو رهندو.

جنگ جو ديو نه امن جو ڪبوتر ڪپي

طفيل مگسي

دنيا جي تاريخ اسان کي اهو سيکاري ٿي ته جنگ انسانيت کي ڪڏهن به ترقي يا خوشحالي نه ڏني بلڪ فقط لاشن جا ڍير مٽيءَ جا ڍير معذورين ذهني صدما اڻ وارن نسلن جي لاءِ ڏک غربت تنگدستي ۽ تباهي وبربادي ئي ڇڏي آهي هن وقت فلسطين ۽ اسرائيل جي جنگ کي ئي ڏسو پهرين ۽ ٻي عالمي جنگ (worldwar 1&11) جا زخم اڄ به دنيا جي شعور کان تاسور جيان وهي رهيا آهن لڪين انسان موت جو ڪاڄ بڻجي وياشهرن جا شهر کنڊرن ۾ تبديل ٿي ويا ۽ انسانيت جو ضمير عرصي کان اگهور ننڊ ۾ پيو رهيو اڄ جڏهن پاڪستان ۽ ڀارت جهڙين ٻن ايٽمي طاقتن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ عروج تي آهي ته سڀ کان وڌيڪ خوفناڪ پاسو اهو آهي ته اسان جي نوجوان طبقي جو هڪ وڏو انگ ان ڇڪتاڻ کي هڪ (celebration) يا تفريح جيان ڏسي رهيا آهن سوشل ميڊيا تي جنگي تعريفون ٿي رهيون هيون گيت ڳائيا پي وياوائرل ويڊيوز ۾ شادي وهناءَ ۽ ڏڻن جي طرز تي جنگ کي خوشي جو موقعو ٻڌائي ڪري پيش ڪيو ٿي ويو ڪجهه نوجوان ته ان حد تائين وڃي چڪا هئا ته اهي چئي رهيا هئا ته “جنگ جي پهرين ڏينهن جا ڪپڙا الڳ سبرايا آهن”” “ٻيئي ڏينهن جي لاءِ ٻي ڊريس”” ۽ ٽين ڏينهن جي لاءِ الڳ ڊريس هوندي” ۽ جيئن عيدميندي شادي ۽ ڏڻن جي طرز تي جنگ کي خوشيءَ جو موقعو ٻڌائي ڪري پيش ڪيو ٿي ويو ڇڻ ته جنگ ڪا شويز ايونٽ هجي ان قسم جي گهٽيا سوچ ڪوڙي ڪل ۽ دل ڏڙڪائي وجهڻ واري سنگدلي اصل ۾ ان ذهني ڏيواليپڻي جي نشاني آهي جنهن کي سالن کان تعلي نصاب منفي ميڊيائي خبرن ۽ سوشل ميڊيا جي بي مقصد يا فضول لاڙن جي وسيلي اپاريو ويو آهي جنگ جنهن جي نالي کان انسان جا لڱ ڪانڊارجي وڃڻ کپن اڄ جي نسل جي لاءِ هڪ meme material هڪ فيسٽول هڪ “ٽرينڊ” بڻجي چڪو آهي ان ذهنيت جون پاڙون جيتوڻيڪ ڪل پوڳ ۾ ڏيک ڏين ٿيون ليڪن ان جو انجام نهايت ئي سنگين ٿي سگهي ٿو نفسياتي تجزيو: اهو ٿئون نسل جنهن “ٽئول واري جشن” جي وسيلي جنگ کي برينڊ ڪري رهيو هو اهو اصل ۾ هڪ گڏيل نفسياتي بيماري ڏانهن اشارو ڪري ٿو نفسيات جا ماهر ان کي cognitibe dissonance delusion ۽ Emotionaldesenitization سڏين ٿا جڏهن انسان بار بار تشدد مرڻ مارڻ دشمن کي ذليل ڪرڻ ۽ ڪٽڻ جا خيالي منظر ڏسي ۽ ٻڌي ٿو ته هو هوريان هوريان پنهنجو سڀ ڪجهه وڃائي ويهي ٿو ۽ موت و تباهيءَ جون ڳالهيون به صرف “تفريح” لڳن ٿيون اها اصل ۾ هڪ قسم جي نفسياتي ٻاراڻي سوچ psychological Infantilism آهي جنهن ۾ بالغ جسمن ۾ سوچڻ سمجهڻ واري عقل جي جاءِ تي صرف وقتي جذباوائرل ٽرينڊز ۽ فالوورز جي ڊوڙ رهجي وڃي ٿي اهو نسل جيڪو جنگ کي ڪيئن با ڪلرز شادي وهناءَ جو سيٽ اپ ڪل پوڳ جي فريم ۾ ڏسن ٿا اهي حقيقت ۾ پنهنجي ذهني تربيت کان محروم آهن اهڙا نسل قومن جي لاءِ به نه صرف خطرو هوندا آهن بلڪ اهي دشمن جا هٿيار بڻجڻ ۾ دير نٿا ڪن تاريخ جي هٿ ٺوڪي تعليم / نفرت جو بنياد اسان کي تسليم ڪرڻو پوندو ته اڄ جو نوجوان ان ذهنيت جو پاڻ تخليقار ناهي بلڪ هن کي سالن کان اهو نصاب ميڊيا جا تجزيا ۽ سماجي ماحول ميسر ڪيو ويو آهي جنهن ۾ دشمن صرف “شيطان” آهي ۽ اسان سدائين “هيرو” اها هڪ طرفي ذهن سازي one_sided indoctrination صرف سچائي کان پري ڪري ٿي بلڪ عقل کي به مفلوج ڪري ڇڏي ٿي هن کي تاريخ نه بلڪ صرف هيروزم جا افسانا پڙهيا ويا آهن جنهن ۾ ڪڏهن پنهنجو احتساب نه بلڪ صرف ٻين جي برائي آهي جنگ جي نفسيات— هڪ سائنسي تجزيو جنگ فقط ميدان ۾ وڙهڻ جو نالو ناهي بلڪ اهو ذهنن تي حملي جو نالو آهي نفسيات جي ماهرن جي مطابق جنگ جي نفسيات psychology of war هڪ اهڙي گڏيل ڪيفيت آهي جنهن ۾ سڄي قوم جو شعور جذبات جي گهيري ۾ اچي وڃي ٿو جهڙا Us vs Them mentality ۽ Groupthink, Mass Hysteria, خيال واڌ ڪن ٿا جنگي پروپيگنڊه انساني ذهن کي خوف کاوڙ ۽ بدلي جي جذبن سان تمتار ڪري ڇڏي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ قومن ۾ سچ ۽ ڪوڙ جي تميز ختم ٿي وڃي ٿي ائمي جنگ: انسانت جي لاءِ آخري الميو پاڪستان ۽ ڀارت به ايٽمي قوتون آهن جيڪڏهن خدا نه ڪري روايتي جنگ conventional war ايٽمي جنگ Nuclear war ۾ تبديل ٿي وڃي ها ته ان جو انجام ناقابل تصور هجي ها جو هري هٿيار صرف فوجي اڏن يا ٽينڪن کي نشانو ناهن بڻائيندا اهي لڪين بيگناهه انسانن کي ڪن پل ۾ خاڪ بڻائي ڇڏين ٿا هيروشما ۽ ناگاساڪي جي تباهي اڄ به ان جي شاهد آهي ليڪن اڄ جي جديد ايٽمي طاقتن جي وچ ۾ جنگ ٿي ته ان جو دائرو صرف هڪ ملڪ تائين محدود نه رهندو ريڊيئيشن ماحولياتي تباهي خوراڪ جي کوٽ بيماريون ذهني وجسماني معذوريون ۽ عالمي معشيت جي تباهي اهو سڀ ڪجهه نسل در نسل انسانيت کي ڀوڳڻو پوندو حل ۽ تجويزون— انسانت جو راستو اسان کي هاڻي بلڪل سنجيدگي سان سوچڻو پوندو ته جنگ ڪنهن به مسئلي جو حل ناهي ۽ اسان کي هيٺ پيش ڪيل ڪجهه تجويزن تي عمل ڪرڻو پوندو 1. امن تي مشتمل تعليم جو ڪورس نئين نسل کي سچائي تي مشتمل بهترين ۽ پرامن تاريخ پڙهائي وڃي ته جيئن اهي ڪوڙ سچائي ۽ امن کي سمجهي سگهن 2. ثقافتي ۽ تعلمي ڏي وٺ پاڪستان ۽ انڊيا جي نوجوانن استادن فنڪارن ليکڪن جي وچ ۾ ڏي وٺ ڪرائي وڃي ته جيئن اهي هڪ ٻيئي کي دشمن نه انسان سمهجي سگهن 3. ڳالهيون سفارتڪاري- ٻنهيءَ حڪومتن کي گهرجي ته هر مسئلي کي ڳالهه ٻولهه سان حل ڪن نه جنگي ٻولي ۾ 4. ما جي اخلاقي تربيت: ميڊيا هائوسز کي قانون پابند ڪيو وڃي ته اهي ڇڙواڳي وارين خبرن نفرت جهڙن جملن ۽ جنگي ماحول کي وڌائڻ وارن ماهرن کان پاسو ڪن 5. سوشل ميڊيا تي نگراني: ڪوڙين خبرن جنگي مهمن ۽ نفرت سان ڀريل مواد جي خلاف سوشل ميڊيا پليٽ فارمز کي فعال ڪردار ادا ڪرڻو پوندو 6. امن جون عوام تحريڪون: امن جي حق ۾ عوام سطح تي تحريڪون تقريرون ورڪشاپس ۽ مهمون شروع ڪيون وڃن ته جيئن جنگ جي مخالفت صرف حڪومت جي طرف کان نه ٿي ته بلڪ عوام جي طرف کان به ٿيئي 7. سائنس ۽ ٽيڪنالوجي ۾ گڏيل مفاد: ٻنهي پاڙيسري ملڪن کي کپي ته خدارا دفاعي بجيٽ گهٽ ڪري تعليم صحت سائنس ۽ ٽيڪنالوجي ۾ وڌ ۾ وڌ سرمائيڪاري ڪريو ته جيئن انساني ترقي کي واڌ ملي سگهي نتيجو جنگ جو وقت اهڙو هوندو آهي ته جتي جاهلن کي ڇڏي ڪري باقي شعور رکندڙن جو اهو فرض بڻجي ويندو آهي ته اهي جذباتي نعرن ۽ ڪوڙي برتري جي ڏوڪي کان نڪري ڪري حقيقت جو سامهون ڪن ۽ اهو سمجهڻ ته بيوقوفو امن ڪا ڪمزوري ناهي هوندي بلڪ اهائي انسانيت جي اصل طاقت آهي

بقايا 01

حوالي سان ڳالهيون ڪندي ڏٺي سگهجي ٿو وڊيو ۾ آرمي چيف جنرل عاصم منير چئي رهيو آهي ته الحمدالله تاريخ اهو ثابت ڪيو آهي ته پاڪ فوج ۽ قوم هر جارحيت خلاف پوري طاقت سان وڙهي سگهي ٿي. آرمي چيف چيو ته علائقائي سالميت ۽ خودمختياري جي تحفظ لاءِ پاڪستان ۾ تمام گهڻي دفاعي صلاحيت موجود آهي ملڪي سلامتي جو دفاع ڪيئن ڪرڻو آهي اهو اسان چڱي ريت ڄاڻون ٿا. جنرل عاصم منير چيو ته 13 لک ڀارتي فوج پنهنجن سمورن هٿيارن سان اسان کي ديڄاري ۽ ڌمڪائي نٿي سگهي. اسان جي بزرگن ۽ اسان هن ملڪ کي ٺاهڻ جي لاءِ تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن. اسان هن ملڪ جي حفاظت ڪرڻ به ڄاڻون ٿا. ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چئي رهيو آهي ته اسان ڀارت جي طاقت، مڪاري ۽ جارحيت کان ڊڄڻ واري قوم نه آهيون

بقايا 02

خلاف مزاحمت جي نه مٽجندڙ نشاني بڻجي چڪو آهي پنهنجي پيغام ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته 12 مئي سانحو اسان جي قومي تاريخ جو هڪ ڪارو ڏينهن آهي، جنهن ڏينهن انساني حياتيون ضايع ڪيون ويون. جمهوري قدرن کي ڏينهن ڏٺي جو ڇيڀاڪيو ويو اهو ڏينهن اسان کي ياد ڏياري ٿو ته اسان کي جمهوريت عظيم قربانيون کان پوءِ ملي آهي. هن چيو ته ڪراچي جي عوام، وڪيل، سياسي ڪارڪن ۽ سول سوسائٽي آئين ۽ عدليه جي آزادي لاءِ پنهنجون حياتيون قربان ڪيون ڪيترن ئي بي گناهه شهرين کي شهيد جڏهن ته ڪيترن کي زخمي ڪيو ويو صرف انهي جي لاءِ ته هو جمهوريت، آئين ۽ عدليه سان گڏ بيٺل هئا. پ پ چيئرمين واضح ڪيو ته جيڪڏهن پاڪستان کي اڳيان وڌڻو آهي ته اسان کي اهڙن المناڪ سانحن کي ٻيهر ٿيڻ کان روڪڻو پوندو ۽ پيپلز پارٽي شهيدن جي خاندانن سان گڏ آهي ۽ انهي جدوجهد جو حصو رهندي بلاول ڀٽو زرداري وڌيڪ چيو ته اسان 12 مئي سانحي جي شهيدن کي ناهي وساريا نه ئي قوم وساريو آهي اسان جون ايندڙ نسلون به هن ڏينهن جي ڏوهارين جي هميشه مذمت ڪندي رهنديون هن چيو ته پيپلزپارٽي هميشه آمريت ۽ تشدد کي منهن ڏنو آهي ۽ قربانين جي ڏکوئي تاريخ انهي جي گواهه آهي اڄوڪو ڏينهن انهي عظيم قربانين کي سلام پيش ڪرڻ جو ڏينهن آهي ياد رهي ته 12 مئي 2007 تي اڳوڻي چيف جسٽس افتخار چوڌري جي ڪراچي پهچڻ تي فائرنگ جا واقعا پيش آيا هئا. فائرنگ ۾ سارجي ويل 50 کان وڌيڪ شهرين جا گهر ڀاتي اڄ به انصاف جي اوسيئڙي ۾ آهن

بقايا 03

آهي ته پاڪستان ۽ ڀارت ۾ ايٽمي جنگ ٿي سگهي پي، جيڪا آمريڪا روڪرائي ڇڏي، پاڪستان ۽ ڀارت کي واپار بند ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني ته ٻئي ملڪ جنگبندي تي راضي ٿي ويا، ان کان اڳ ٻئي ملڪ نه ٿي جنگبندي لاءِ تيار هئا ۽ نه ئي پوئتي هٽڻ لاءِ آمريڪي صدر ٽرمپ وائيٽ هائوس ۾ ڳالهائيندي چيو ته واپار کي اهڙيءَ ريت ڪڏهن به استعمال نه ڪيو ويو جيئن مون ڪيو مون چيو ته جيڪڏهن ٻئي ملڪ جنگ روڪين ته واپار وڌائي سگهجي ٿو. هن چيو ته پاڪستان ۽ ڀارت جا اڳواڻ ثابت قدم آهن جنگبندي ۾ آمريڪا وڏي مدد ڪئي پاڪستان ۽ ڀارت جي واپار ۾ مدد لاءِ به تيار آهيون صدر ٽرمپ چيو ته اسان ايٽمي تڪرار روڪيو جيڪو تمام خراب ايٽمي جنگ ٿي سگهي پي جنهن ۾ لکين ماڻهن جون حياتيون وڃائي سگهجن ٿيون مون کي فخر آهي ته اسان اهو تڪرار روڪرايو وفاقي حڪومت تي ڪيترا هزار ارب قرض آهي؟ تفصيل سامهون اچي ويا

بقايا 04

وارو قرارداد اتفاق راءِ سان منظور ڪيو ويو قومي اسيمبليءَ جي اجلاس دوران قانون واري وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ پاڪستاني فوج سان يڪجهتي لاءِ قرارداد پيش ڪئي هن چيو ته سينيٽ سياسي پارٽين گڏجي پاڪستان لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ۽ اسان سيني پارٽين جي صلاح سان هي قرارداد تيار ڪئي آهي قرارداد جي متن موجب قوم پنهنجي سياسي اختلافن کي ڇڏي، قيادت پليان هڪ آواز ۽ اتحاد جو مظاهرو ڪيو ايوان پاڪستان جي فوجن کي سندن پيشورانه صلاحيتن ۽ بهادري تي خراج تحسين پيش ڪري ٿو قرارداد ۾ چيو ويو آهي ته فوجن ڀارت جي بنا جواز جارحيت خلاف انتهائي ذميواريءَ سان مناسب ردعمل ذريعي بچاءَ ڪيو هي ايوان ڌرتي ماءُ لاءِ جان جو نظرانو پيش ڪندڙ شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪري ٿو هي ايوان شهيدن جي قربانين کي قومي فخر اتحاد ۽ حوصلي جي علامت قرار ڏئي ٿو قرارداد جي متن موجب ايوان انهن دوست ملڪن جا ٿورا مڃيا جن پاڪستان جي حمايت ڪئي قرارداد ۾ چيو ويو آهي ته خطي ۾ پائيدار امن رڳو سنجيدا ۽ منظم ڳالهين سان ئي ممڪن آهي حڪومت ڪشمير مسئلي جي حل لاءِ عالمي برادريءَ کي سرگرم ڪري هي ايوان سنڌ طاس معاهدي تي مڪمل عملدرآمد جي اهميت تي زور ڏئي ٿو هي ايوان پاڪستان جي پاڻيءَ جي حقن جي تحفظ کي قومي سلامتيءَ جو اهم جزو قرار ڏئي ٿو قومي اسيمبلي اها قرارداد اتفاق راءِ سان منظور ڪري ورتي

بقايا 05

پي آر) پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان آپريشن بنيان المرصوص جي مڪمل ٿيڻ جو اعلان ڪيو آهي پاڪ فوج جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب، 6 ۽ 10 مئي جي وچ ۾ ڪيل ڪارروائيون آپريشن بنيان المرصوص جو حصو هيون پاڪستان 22 اپريل کان 10 مئي تائين هندستان سان جنگ کي سچ جي جنگ جو نالو ڏنو بيان موجب، آپريشن بنيان المرصوص ڀارتي فورسز جي بزدلاڻه جارحيت جي جواب ۾ ڪيو ويو جنهن ۾ ڀارتي حملي ۾ بيگناهه شهري شهيد ٿيا. آءِ ايس پي آر چيو ته پاڪستان حملن جو بدلو وٺڻ ۽ انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي الحمدالله پاڪستاني فوج عوام سان ڪيل پنهنجو واعدو پورو ڪيو

بقايا 06

سليب (آمدني جي درجا بندي) ۾ پگهاردار طبقي تي ٽيڪس جو بار 10 سيڪڙو تائين گهٽ ڪرڻ جي تجويز شامل آهي جيڪڏهن آءِ ايم ايف ان تجويز ڪيل گهٽتائي تي راضي ٿي ويو ته ايندڙ بجيٽ ۾ پگهاردار طبقي کي 50 ارب رپين تائين جو ليف ملي سگهي ٿو ايندڙ بجيٽ کي آخري صورت ڏيڻ لاءِ آءِ ايم ايف ۽ پاڪستاني ٽيم جي وچ ۾ 14 مئي کان 22 مئي تائين ڳالهيون ٿينديون سرڪاري ذريعن تصديق ڪئي آهي ته حڪومت بجيٽ ۾ رليف ڏيڻ سبب ٿيندڙ آمدني جي گهٽتائي جي تلافي لاءِ اضافي ٽيڪس لڳائڻ جي رضامندي ڏيکاري آهي

بقايا 07

گهٽ ڪرڻ جي لاءِ ڪوششون شروع ٿي ويون پاڪستان جي ڊي جي ايم او ميجر جنرل ڪاشف عبدالله ۽ ڀارتي ڊي جي ايم او ليفٽيننٽ جنرل راجيو گهائي جي وچ ۾ هاٽ لائين تي رابطو ٿيو آهي جنهن ۾ جنگبندي سميت مختلف معاملن تي ڳالهيون ڪيون پيون وڃن ڪجهه ڏينهن اڳ 10 مئي جي ٻنهي ملڪن جو ڊي جي ايم اوز جي وچ ۾ رابطو ٿيو هو جنهن ۾ فوري سيز فائر تي اتفاق ڪيو ويو هو ٽيليفونڪ رابطي ۾ زميني، فضائي ۽ بحري سميت هر طرح جي فائرنگ ۽ فوجي ڪارروائي روڪڻ تي اتفاق ڪيو ويو هو ياد رهي ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاڪ ڀارت جنگبندي جو اعلان ڪيو هو ٻنهي ملڪن مسئلن جي حل لاءِ ٽئين ملڪ جي ثالثي ۾ ڳالهين جي لاءِ راضپي جو اظهار ڪيو آمريڪي پرڏيهي وزارت پنهنجي بيان ۾ چيو هو ته پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ ڳالهين جا حامي آهيون هن چيو هو ته امن جو رستو چونڊ ڪرڻ تي پاڪ ڀارت وزيراعظمن جي دانشمندي جي تعريف ڪريون ٿا. آمريڪا تعميري ڳالهين کي همٿي ڏيڻ جي لاءِ تعاون جاري رکندو

بقايا 08

جو معو فخر سان معائنو ڪري ڇڏيو آهي اهي ڳالهيون هن سنڌ ٽرانسميشن اينڊ ڊس پيچ ڪمپني پاران آپريشن “بنيان مرصوص” جي ڪاميابي تي منعقده يوم تشڪر جي تقريب ۾ خطاب ڪندي ڪيون تقريب ۾ سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ لنجار توانائي سيڪريٽري مشتاق سومرو ايس ٽي ڊي سي جو سي اي او سليم شيخ، سينيئر جي ايم ٽيڪنيڪل طارق سعيد، چيف فنانشل آفيسر سجاد جونيجو ۽ توانائي ڊپارٽمينٽ جا آفيسر ۽ ملازم شريڪ ٿيا. ان موقعي تي ڪيڪ ڪٽڻ جي رسم پڻ ادا ڪئي وئي ناصر حسين شاهه آپريشن بنيان مرصوص جي ڪاميابي تي پاڪ فوج، پاڪ فضائيه ۽ بحريه جي سربراهن ۽ جوانن کي سلام پيش ڪندي چيو ته اسان پاڪ فوج کي سلام پيش ڪريون ٿا. جنهن دنيا ۾ پنهنجو لوهه مڃرايو آهي ٻئي پاسي وزير توانائي ترقيات ۽ منصوبابندي سنڌ سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ گهرو ڪاٽي، قانون پارلياماني معاملن واري صوبائي وزير ضياءُ الحسن لنجار جي موجودگي ۾ ڪابينا جي ناڻي بابت سب ڪميٽي جو اجلاس توانائي کاتي سنڌ جي آفيس ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ سنڌ جي مختلف ادارن کي پيش ايندڙ مالي مسئلن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ۽ انهن جي حل لاءِ تجويزون پيش ڪيون ويون وزير توانائي ناصر شاهه چيو ته 25 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان ڪيڊٽ ڪاليج پٽارو کي سولرائزيشن ڪيو ويندو ته جيئن شاگردن کي تعليم ۽ تربيت لاءِ بجلي جي بنا رڪاوٽ فراهمي يقيني بڻائي سگهجي ۽ انهن کي پرامن تدريسي ماحول فراهم ٿي سگهي صوبائي وزيرن سيد ناصر حسين شاهه ۽ ضياءُ الحسن لنجار اجلاس جي موقعي تي ڪميٽي جي سفارش تي KWSSIP فيز-2 جي منصوبي لاءِ 885 ملين رپين جي منظوري پڻ ڏني صوبائي وزيرن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو جي وزيراعليٰ سنڌ جي هدايت تي عوام کي رليف ڏيڻ ۽ عوامي مفاد وارن منصوبن جي جلد مڪمل ڪرڻ ۽ انهن منصوبن ۾ پيش ايندڙ مسئلن کي دور ڪرڻ لاءِ ڪابينا جي ناڻي بابت سب ڪميٽي جوڙي وئي آهي ان لاءِ اجلاس ۾ جائزو وٺي سيني ميمبرن جي گڏيل رضامندي سان فيصلا ڪيا وڃن ٿا پر اهي منصوبا ئي منظور ڪيا وڃن ٿا جيڪي قانوني تقاضائن کي پورو ڪن ٿا ناصر حسين شاهه ۽ ضياءُ الحسن لنجار ٻڌايو ته اڄ جي اجلاس ۾ مليرلاءِ واٽر سپلائي اسڪيم ۽ يو ايس ايڊ پروگرام تحت هلندڙ منصوبن جي مڪمل ٿيڻ لاءِ بہ فنڊ جي منظوري ڏني وئي

بقايا 09

ملڪن وٽ اهو سنهري موقعو آهي نجي ٽي وي سان ڳالهيون ڪندي دفاع واري وزير خواجه آصف چيو ته ڪشمير، دهشتگردي ۽ پاڻي اهي ٽئي اهڙا معاملا آهن جيڪي گذريل 76 سالن کان انهي جي تاريخ آهي انهن ٽنهي معاملن تي بحث ٿيڻ گهرجي ٽرمپ ڪشمير مسئلي تي ڳالهيون ڪري هڪ ٻئي اڳڀرائي ڪئي آهي ٽرمپ چيو ته ڪشمير جو معاملو بحث هيٺ اچڻ گهرجي هن چيو ته پاڪستان دهشتگردي جو شڪار سڀني کان وڏو ملڪ آهي اهو هڪ سنهري موقعو آهي ته ٻئي ملڪ دهشتگردي جو مسئلو حل ڪن دهشتگردي گذريل 20 يا 30 سالن کان ٿي رهي آهي سنڌ طاس معاهدي کي معطل ڪرڻ جي ڪا به گنجائش نه آهي هن چيو ته تقريبن سمورين جنگين ئي ڪشمير تي وڙهيون ويون آهن هڪ ڏينهن اڳ واري جنگ به ڪشمير جو مسئلو هون مودي خطي کي جهنم ۾ ڌڪڻ جي ڪوشش ڪئي پاڪ فوج ڀارت جي سامهون جمي وئي ڀارتي جارحيت جو سخت جواب ڏنو ويو خواجه آصف چيو ته ڀارت هن وقت پنهنجن زخمن تي مرهم پٽي ڪري رهيو آهي ڀارتي پارلياميٽ ۾ انهن جي وزيراعظم کي گهٽ وڌ ڳالهايو پيو وڃي اها اسان جي ڊپلوميٽڪ فتح به آهي اسرائيل کان بيو ڪوبه ملڪ هندستان سان گڏ بيٺل نه آهي پاڪستان پنهنجي صبر ۽ فوجي طاقت کي مڃرايو آهي پاڪستان کي گذريل 77 سالن ۾ ايتري وڏي ڪاميابي نه ملي آهي دفاع واري وزير وڌيڪ چيو ته سمورن مسئلن جو حل ڪيڻ گهرجي خطي ۾ هاڻ غريب ماڻهن کي رهڻ جو حق ملڻ گهرجي

بقايا 10

ايئرپورٽ اختيارين موجب سمورن وڏن هوائي اڏن خاص طور تي لاهور، سيالڪوٽ، ڪراچي، پشاور ۽ اسلام آباد ۾ فلائيٽ آپريشن معمول موجب جاري آهن اختيارين جو چوڻ آهي ته ملڪي ۽ پرڏيهي ايئرلائنز شيڊول موجب اڏامن جي روانگي ۽ آمد جي شروعات ڪري چڪي آهي جڏهن ته عرب امارات جي ايئرلائنز به پاڪستان جي لاءِ پنهنجون اڏامون بحال ڪري چڪيون آهن سعودي ايئرلائين طرفان پاڪستان جي لاءِ فضائي آپريشن سياڻي کان ٻيهر شروع ڪرڻ جو امڪان آهي ايئرپورٽ اختيارين موجب پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ سبب فلائيٽ آپريشن جي عارضي معطلي سبب ڪجهه اڏامن جو شيڊول متاثر ٿيو پر هاڻ نظام تيزي سان بحال ٿي رهيو آهي اختيارين مسافرن کي مشورو ڏنو آهي ته اهي ايئرپورٽ روانو ٿيڻ کان اڳ پنهنجي لاڳاپيل ايئرلائين جي هيلپ لائن تان اڏام جي وقت جي تصديق ضرور ڪري وٺن ته جيئن ڪنهن به امڪاني پريشاني کان بچي سگهجي

بقايا 11

جو شهيد نوجوان خاندان جو واحد سهارو هو اسان شهيدن جي وارثن سان گڏ آهيون شهيدن جي گهرڀاتين جي هر ممڪن مدد ڪنداسين. هن چيو ته شهيد قوم جو فخر آهن. اسان جي فوج دشمن جي جمهي مقابلو ڪيو ڀارت هاڻ ڪنهن به اڳرائي کان پهريان 100 ڀيرا سوچيندو محسن نقوي چيو ته ڀارت

بقايا 12

جا پير زمين تي نه پيا چمن هاڻ جنگ ميڊيا ۽ سفارتي محاذ تي به وڙهي ويندي آهي جڏهن ته اسان ڀارت کي سفارتي ۽ ميڊيا جي سطح تي شڪست ڏني هن چيو ته ڀارت ڊرامو ڪاهيو اوهان کي به خبر آهي ته انهن جي انڊسٽري به ساڳيو ڪم ڪندي آهي پي ايس ايل بابت ڳالهيون ڪندي هن چيو ته پاڪستان سپرليگ جي بقايا ميچز بابت فيصلو رات تائين ڪري وٺنداسين

اڪبر کي پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي (پي اي سي) جي چيئرمين شپ ڇڏڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي ذريعن موجب عليم خان پي اي سي جي چيئرمين شپ بابت پي ٽي آءِ باني عمران خان جو پيغام پارٽي قيادت تائين پهچائي ڇڏيو آهي ذريعن ٻڌايو آهي ته پي ٽي آءِ باني عمران خان جنيد اڪبر کي پي اي سي جي چيئرمين شپ ڇڏڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته عليم خان پي ٽي آءِ باني جو لکت وارو حڪم پارٽي چيئرمين بيرسٽر گوهر ۽ سيڪريٽري جنرل سلمان اڪرم راجا کي پهچائي ڇڏيو آهي ذريعن موجب پي ٽي آءِ باني عمران خان هدايت ڪئي آهي ته جنيد اڪبر پارٽي عهدي تي مڪمل ڌيان ڏئي ذريعن ٻڌايو آهي ته جنيد اڪبر جي جڳهه عمرايوب کي پي اي سي جو چيئرمين بڻائڻ جو امڪان آهي انهي حوالي سان جنيد اڪبر چيو آهي ته پي ٽي آءِ باني عمران خان جڏهن چوندو ته پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جي چيئرمين شپ ڇڏي ڏيندس. ٻئي طرف پي ٽي آءِ جي سيڪريٽري جنرل سلمان اڪرم راجا چيو آهي ته اهو پارٽي جو اندروني معاملو آهي في الحال انهي معاملي تي ڪو به موقف نٿو ڏيڻ چاهيان

بقايا 13

49 پوائنٽ تي پهچندي ٿي ڪاروبار معطل ٿي ويو هنڊريڊ انڊيڪس هڪ لک 16 هزار 650.12 تي پهچي ويو اهو پهريون ڀيرو هو جو مارڪيٽ کلندي ئي اپر لمٽ ڪيپ تي هليو ويو اسٽاڪ مارڪيٽ رولز موجب 5 سيڪڙو مارڪيٽ وڌڻ يا ڪرڻ جي صورت ۾ ڪاروبار هڪ ڪلاڪ لاءِ معطل ڪيو ويندو آهي. سادي نائين وڳي کلندڙ مارڪيٽ 7 منٽن بعد 9.37 تي اپرلاڪ ٿي وئي جنهن بعد ڪاروبار معطل ٿي ويو جيڪو 10.37 تي کلندو مارڪيٽ جي اپر لمٽ ڪيپ جو اهم سبب پاڪ ڀارت جنگبندي ۽ اسٽيٽ بئنڪ پاران وياج جي شرح ۾ هڪ سيڪڙو گهٽتائي ٻڌايو پيو وڃي

بقايا 14

منصوبابندي ۽ ترقيات سيد ناصر حسين شاهه، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، چيئرمين پي اينڊ ڊي بورڊ نجم احمد شاهه، پرنسپل سيڪريٽري وزيراعليٰ آغا واصف، سيڪريٽري ناڻو فياض جتوئي، سيڪريٽري منصوبابندي زبير چنا ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اعلان ڪيو ته نئين سالياني ترقياتي پروگرام ۾ ڪيترين ئي ترقياتي اسڪيمن شامل ڪيون وينديون جن ۾ پاڻي جي فراهمي نيڪال آب سچ جي ڊبل روڊ، صنعتي ۽ زرعي ترقي هوندي هن زور ڏنو ته موجوده تعليمي ۽ صحت جي عمارتن سان نئين سر تعمير هيٺ ترقياتي منصوبا ترجيح هوندا وڏي وزير هدايت ڪئي ته رقابندي ۽ ترقي کاتي پنهنجي سيني جاري ۽ جائيل اسڪيمن جي منصوبابندي احتياط سان ڪري جاري ۽ مڪمل ٿيندڙ اسڪيمن کي ترجيح ڏني وڃي ۽ نون تجويزن جي منظوري کان اڳ انهن جو مڪمل جائزو ورتو وڃي هلندڙ سال جي ترقياتي پروگرام تي روشني وجهندي مراد علي شاهه چيو ته گذريل سال (2024_25) جو سالياني ترقياتي پروگرام 493 ارب رپيا هو جن سان 55 ارب رپيا ضلع وار اي ڊي پي تحت رکيا ويا مراد علي شاهه وڌيڪ ٻڌايو ته موجوده مالي سال دوران 4644 ترقياتي اسڪيمون جاري آهن جن مان اميد آهي ته 1812 اسڪيمون جون 2025 جي آخر تائين مڪمل ڪري ڇڏيون وينديون هن چيو ته ڪاٿن کي جاري ترقياتي اسڪيمن جي وقت سر مڪمل ٿيڻ تي مڪمل ڌيان رکڻ گهرجي منصوبابندي ۽ ترقيات کاتي کي هدايت ڏني ته اهي پنهنجي سيلن ۽ منصوبن کي اڳ حساب ترتيب ڏين اجلاس جي پڄاڻي اتفاق ٿي ته مالي سال 2026_27 جي بجيٽ ۾ شامل ڪرڻ کان اڳ سيني نئين جائيل اسڪيمن جو تفصيل سان جائزو ورتو ويندو ته جيئن انهن جي اهميت، عملدرآمد ۽ اسڪائي اثرن کي يقيني بڻائي سگهجي

بقايا 15

آپريشن دوران گوٺ سکيو ملڪ جي رهواسين کي بازياب ڪرايو ويو جن کي گذريل رات نامعلوم هٿيارٻند اغوا ڪري ويا هئا بازياب ٿيل مغوين ۾ عزيز نور محمد، فرمان، شفي محمد، احسان عبدالمجيد ۽ 4 ورهين جو معصوم سلمان ملڪ شامل آهن ايس ايس پي شڪارپور موجب، رينجرز ونگ ڪمانڊر جي نگرانيءَ هيٺ ٿيل هن آپريشن ۾ هيومن انٽيليجنس جي مدد سان مغوين جي تلاش شروع ڪئي وئي، جنهن ۾ ڪاميابي ملي آپريشن دوران ڌاڙيلن جا ڪيترائي ٺڪاڻا تباهه ڪيا ويا ۽ مغوين کي بحفاظت آزاد ڪرايو ويو ملڪ برادريءَ جي وارثن ۽ سول سوسائٽي پاران ايس ايس پي شاهزيب چاچڙ ۽ سنڌس ٽيم جو شڪريو ادا ڪيو ويو ايس ايس پي شاهزيب چاچڙ جو چوڻ هو ته “هي آپريشن ان وقت تائين جاري رهندو جيستائين ڌاڙيلن جو مڪمل خاتمو نٿو ٿئي

بقايا 16

جي نتيجن کان آگاهه ڪيو ويو آهي آمريڪي خزاني واري سيڪريٽري جو چوڻ آهي ته چين سان ڳالهين ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي ۽ واپاري معاهدي جي تفصيل صبح جو جاري ڪئي ويندي، آمريڪي خزاني واري سيڪريٽري سوئٽس حڪومت جو ڳالهين جي ميزباني ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪيس آمريڪي نائب صدر ٻن وزيرن ۽ سفيرن ڳالهين ۾ حصو ورتو، آمريڪي واپاري نمائندي جيميسن گريس جو چوڻ آهي ته چين سان ڳالهين جا نتيجا مثبت اڳڀرائي ٿي آهي ۽ اهو معاهدو واپاري خساري کي گهٽائڻ ۾ مدد ڪندو جيميسن گريس وڌيڪ چيو ته اهو معاهدو آمريڪا جي 1.2 ٽريلين ڊالر جي واپاري خساري کي گهٽائڻ لاءِ اهم آهي

بقايا 17

اجان تائين بند آهن تفصيل موجب ٻنهي ملڪن ۾ جنگبندي جي باوجود 24 ايئرپورٽ فلائيٽ آپريشن اڄ به غير فعال بڻيل آهي. سمورا جهاز ۾ هٽايا ويا آهن جڏهن ته ڪالهه جون 444 اڏامون به ملتوي ٿي چڪيون آهن رپورٽ موجب امرتسر سرينگر جمون لداخ، ڌرم شالا، شملا، آدم پور چندي گڙهه سميت مختلف شهرن جا اڄ به سمورين اڏامون ملتوي ڪيون ويون آهن رپورٽ موجب 7 ڏينهن کان بند سري نگر ايئرپورٽ تان روزاني جون 65 اڏامون ملتوي ڪيون ويون آهن. لداخ جي ليح ڪوشڪ ايئرپورٽ جون اڄ به سمورين 30 اڏامون ملتوي آهن جڏهن ته جمون ايئرپورٽ جون 30 اڏامون ملتوي آهن سمورا جهاز ۾ هٽايا ويا آهن انهي کان علاوه ڌرم شالا جون 14، چنڊيگڙهه جون ڪالهه جون سمورين 84 اڏامون جودهه پور ايئرپورٽ جون 20 اڏامون ملتوي ڪيون ويون آهن راجڪوٽ، هيراسر ايئرپورٽ جون 20 اڏامون اڄ به ملتوي ۽ گجرات جي ڀڄ ايئرپورٽ تان به 10 اڏامون ملتوي ڪيون ويون آهن انهي کان علاوه ڀارت جا ڪيترائي ايئرپورٽ غير فعال بڻيل آهن انهن ايئرپورٽن جون اڄ شيڊول ٿيل فلائيٽس به معطل ڪيون ويون آهن

بقايا 18

ايل) سيزن 10 جي باقي ميچن جي شيڊول کي آخري شڪل ڏيڻ لاءِ ڪم جاري آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پاڪستان سپر ليگ جي باقي ميچن جي شيڊول جو اعلان اڄ ٿيڻ جو امڪان آهي. باقي ميچن لاءِ 16 کان 18 مئي جي تاريخن تي غور ڪيو پيو وڃي. ذريعن موجب، پي ايس ايل انتظاميا سڀني اسٽيڪ هولڊرز سان صلاح مشورو ڪري رهي آهي. ٻئي پاسي، گهڻا رانديگر پنهنجن ملڪن ڏانهن واپس هليا ويا آهن. جڏهن ته پرڏيهي رانديگرن کي ٽيمن جو حصو بڻائڻ لاءِ ڪيترن ئي آپشنز تي غور ڪيو پيو وڃي

بقايا 19

شاڪر پنهنجي والد جي وفات جي تصديق ڪندي چيو ته سندس مرحوم والد مولانا عبدالباسط صديقي شاهه جهان مسجد جا نائين شاهي خطيب هئا. مفتي مولانا شاڪر چيو ته مرحوم مولانا عبدالباسط صديقي جي جنازي نماز اڄ ظهر جي نماز کان پوءِ شاهه جهان مسجد ۾ ادا ڪئي ويندي مولانا عبدالباسط صديقي کي گذريل رات دل جو دورو پوڻ کان پوءِ سول اسپتال ٺٽي منتقل ڪيو ويو پر هو جانبر نه ٿي سگهيا ۽ خالق حقيقي سان ملي وڃي اڃي هليا ويا

بقايا 20

ڪميٽي (پي اي سي) سنڌ جي اجلاس ۾ صوبي جو صحت کاتو 6 ارب رپين جو آڊٽ رڪارڊ فراهم نه ڪري سگهيو ڪراچي ۾ چيئرمين نثار کهڙو جي صدارت ۾ پي اي سي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ ڪميٽي جي ميمبرز قاسم سومرو، طاحه احمد، ريحان راجپوت ۽ سيڪريٽري صحت شرڪت ڪئي اجلاس ۾ صحت کاتي سنڌ جي سال 2018 ۽ 2019 جي آڊٽ پيراز جو جائزو ورتو ويو ۽ ڪاتي ۾ ادوين جي دوا خريداري جو آڊٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو پي اي سي سنڌ آڊٽ لاءِ آڊيٽر جنرل پاڪستان کي ٽيڪنيڪل اسٽاف فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي چيئرمين نثار کهڙو دوران اجلاس ڳالهائيندي چيو ته صحت کاتي ۾ دوا خريداري جو کهڙو ميڪينزم آهي؟ آن تي سيڪريٽري صحت شرڪت ڪندڙن کي ٻڌايو ته دوا خريداري لاءِ پروڪيورمينٽ ڪميٽي کان ٽينڊر ڪيو ويندو آهي ڪميٽي جي ميمبر قاسم سومرو چيو ته صحت کاتي سنڌ جعلي ۽ اڻ رجسٽرڊ دوائن خلاف ڪيترين ڪارروائيون ڪيون آهن؟

بقايا 21

ڏينهن ٻهريان ڊرون حملي ۾ زخمي گوٺ سيفل خان جعفري واسي فياض جعفري ولد قادر بخش جعفري جي ضياءُ الدين اسپتال سکر پڻ پهچي عيادت ڪئي ۽ گلدستو پيش ڪيو ان موقعي تي ڪمشنر سکر عابد حسين عباسي، ڊي آءِ جي فيصل عبدالله چاچڙ، ڊپٽي ڪمشنر سکر ڊاڪٽر ايم بي راجا ڌاريجو ۽ ٻيا سرڪاري آفيسر پڻ موجود هئا. صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو ۽ برگيڊيئر اسد ضياءُ الدين اسپتال جي ڊاڪٽرن کان ڊرون حملي ۾ زخمي مريض جي صحت بابت تفصيل ورتا ۽ مريض کي بهترين علاج معالجي فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي ۽ سندس جلد صحتيابي جي دعا ڪئي ان موقعي تي برگيڊيئر اسد چيو ته پاڪستان فوج هميشه جيان دشمن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻايو آهي ۽ ڪنهن کي به پاڪستان خلاف سازش ڪرڻ نه ڏينداسين ان موقعي تي صوبائي وزير صنعت ۽ واپار جام اڪرام الله ڌاريجو چيو ته اسان جي قسم جي واقعن کي روڪڻ لاءِ حڪومت ۽ قانون نافذ ڪرڻ وارا ادارا هر وقت تيار آهن پاڪ فوج جي بهترين جوابي ڪارروائي ڪانيوڻ پيڪيون ڏيندڙ دشمن کي خاموش ڪري ڇڏيو آهي هن صوبائي وزير چيو ته ڀارت جي جارحيت ۾ شهيد ۽ زخمي ٿيندڙن جي وارثن سان گڏ آهيون، زخمين کي پڻ علاج معالجي جو خرچ حڪومت برداشت ڪندي ان موقعي تي زخمي بارڙي فياض جعفري جي والد چيو ته اسان جا حوصلا بلند آهن هڪ پٽ زخمي ٿيو آهي پر ملڪ لاءِ سڀني پٽن جي قرباني لاءِ تيار آهيون پاڪستان آرمي طرفان ڊرون حملي ۾ زخمي بارڙي جي خاندان کي مالي امداد ۽ راشن فراهم ڪيو ويو جڏهن ته ٻارڙي جي علاج ۽ تعليم لاءِ پڻ ڀرپور مدد جو يقين ڏياريو

بقايا 22

ادارن ۽ منشيات جي روڪٿام ۽ آگاهي شامل ڪرڻ جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس انعام امين منهاس درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. عدالت شاگردن کي سڌو سنئون سامان پهچائڻ بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو ان تي عمل نه ڪندڙ اسڪولن ۽ ڪاليجن خلاف ڪارروائي ڪرڻ جي هدايت. ڇا قومي اينٽي نارڪوٽڪس ڪائونسل ڏاهي وئي آهي يا نه؟ سيڪريٽري ڪابينا کان رپورٽ پڻ طلب ڪئي وئي جسٽس انعام امين منهاس پڇائو ڪيو ته قومي اينٽي نارڪوٽڪس ڪائونسل جوڙ ٿاهي وئي آهي؟ هو هڪ وڏي هاءِ پاور ڪائونسل آهي وزيراعظم سربراهه آهي ۽ چئني صوبن جا وڏا وزير ملوث آهن ڇا توهان کي خبر آهي ته منشيات اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ڪيئن داخل ٿين ٿيون؟ جسٽس انعام امين منهاس ريمارڪس ڏنا ته منشيات ڪوريئرز ۽ ڊليوري ماڻهن ذريعي اسڪولن ۽ ڪاليجن تائين پهچن ٿا جسٽس ڪريم ۾ چيڪ ڪريو ۽ ٻڌايو ته ڪهڙا اسڪول ۽ ڪاليج ڪهڙي قسم جي ڊليوري وصول ڪن ٿا بار بار پيزا وغيره آرڊر ڪن ٿا ۽ انهن سان گڏ منشيات جو آرڊر ڏين ٿا سڀني ڊليوري ماڻهن تي پابندي لڳائڻ گهرجي جيڪي سڌو سنئون ڊليوري ڪري رهيا آهن جسٽس انعام امين منهاس ريمارڪس ڏنا ته توهان ان تي عمل ڪريو ۽ ايندڙ تاريخ تي رپورٽ جمع ڪرايو چيڪ ڪريو ته ڪهڙا اسڪول ۽ ڪاليج بار بار سڌي طرح ڊليوري حاصل ڪري رهيا آهن انهن اسڪولن ۽ ڪاليجن خلاف ڪارروائي ڪريو جيڪي ان تي عمل نٿا ڪن

بقايا 23

جي صدارت هيٺ ڪاتي جو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ سيڪريٽري سيد اعجاز علي شاهه ايڊيشنل سيڪريٽري محمد بخش جروار ڊي جين چيف انجنيئرز ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ اي ڊي پي اسڪيمن ڪاتي جي مجموعي ڪارڪردگي ۽ گذريل ڪاجاتي جي ڪارروائي جي تفصيلي جائزو ورتو ڳالهيون ڪيون ويون. خاص مددگار محمد سليم بلوچ ڪاتي جي مجموعي ڪارڪردگي تي ناراضگي جو

اظهار ڪندي گذريل گڏجاڻي ۾ ڪيل فيصلن تي عمل نه ٿيڻ تي افسوس جو اظهار ڪيو هن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته افرادي قوت جي کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ سمورا ضروري قدم تيزي سان کنيا وڃن ۽ ملازمن جي واڌاري، نئين ڀرتين جي معاملي کي فوري طور حل ڪيو وڃي. محمد سليم بلوچ مختلف منصوبن تي سالن کان ڪارڪردگي نه ڏيکاريندڙ ڪمپنين خلاف ڪانٽيدار ڪارروائي ڪرڻ ۽ اٿيوري رهيل اسڪيمون فوري طور مڪمل ڪرڻ جا به حڪم ڏنا هن چيو ته مڪمل ٿيل اسڪيمن جو جلد افتتاح ڪيون وينديون جڏهن ته آر او پلانٽس جي موجوده صورتحال ۽ فوري بحالي بابت قدم کڻڻ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ لوڊشيڊنگ کان متاثر علائقن ۾ آر او پلانٽس کي آپريشنل رکڻ لاءِ سولر سسٽم لڳايو وڃي هن خبردار ڪيو ته عوامي مفاد سان واسطو رکندڙ ڪنهن به اسڪيم يا منصوبي ۾ غفلت برداشت نه ڪئي ويندي

بقايا 24

ڪمشنر سکر ڊاڪٽر ايم بي راجا ڌاريجو مزار تي چادر چاڙهي عرس مبارڪ جو افتتاح ڪيو عرس جي افتتاحي تقريب ۾ بيدل بيڪس يادگار ڪاميٽي جي چيئرمين صاحبزاده محمد عبيدالله قريشي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا ڊپٽي ڪمشنر سکر عرس مبارڪ جي حوالي سان انتظامن جو جائزو پڻ ورتو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سکر ڊاڪٽر ايم بي راجا ڌاريجو چيو ته حضرت بيدل هميشه پنهنجي شاعري ۽ درويشانه زندگي ذريعي امن، محبت، پائيداري ۽ انسان دوستي جو پيغام ڏنو آهي، صوفي بزرگن جي تعليمات کي اختيار ڪرڻ سان معاشري جي ترقي ۽ روحاني فلاح ممڪن آهي. ضلعي انتظاميا سکر طرفان 14 مئي تي سکر ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو آهي ته جيئن شهرين ۽ زائرين کي شرڪت ۾ آساني ٿئي عرس سلسلي ۾ سيڪيورٽي جي حوالي سان سخت انتظام ڪيا ويا آهن

بقايا 25

شريڪار پوليس انسپيڪٽر پهلاڻ خان شر جي ڏيءِ آهي عورت جام ڀائر منگلي ڏاڪي تي پوليس اهلڪار آهن وارثن عورت جو لاش پريس ڪلب آڏو رکي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا ان موقعي تي انهن ٻڌايو ته اسان جي نياڻي کي سندس سهري ڏيڙن منهن تي بهاڻو ڏئي قتل ڪيو آهي 2 ڏينهن اڳ اسان جي گهر ۾ شادي هئي ان ۾ به اسان جي ڀيڻ کي نه ڇڏيو ان تان مسئلو ٿيو ۽ اسان جي ڀيڻ کي قتل ڪيو ويو هنن جو چوڻ آهي ته اسان پوليس اهلڪار هوندي به انصاف نه ٿو ڪيو وڃي ته عام ماڻهو سان ڪيئن انصاف ٿيندو اسان کي صبح کان پوليس آسرا ڏئي رهي آهي مگر نامزد جوابدارن تي ايف آءِ آر داخل نه پئي ڪئي وڃي چوڻ هو سياسي آسرو ورتو وارا آهن آڪري پوليس به انهن جي آنگار وهي رهي آهي مڪمل طور روڊ بلاڪ ٿي وڃڻ ڪري ٽريڪ جام ٿيڻ کان پوءِ ڊي ايس پي سانگهڙ لونگ خان شر ڳالهيون ڪندي چيو ته اسان پوسٽ مارٽم ڪيو آهي رپورٽ اچڻ کان پوءِ ڪيس داخل ڪيو ويندو ڊي ايس پي چيو ته ڪنهن به جوابدار کي آسرو ڪندڙ هجي ته پر ڪنهن ۾ بخش نه ڪيو ويندو ڊي ايس پي سانگهڙ لونگ خان شر انصاف ڏيارڻ جي يقين ڏهاني ڪرائي ان کان پوءِ وارثن لاش کڻي ويا وارثن چيو ته اسان سان انصاف نه ٿيو ته صبح جو اسان نئين راءِ عمل جوڙينداسون

پوليس جي ڪامياب ڳالهين کان پوءِ روڊ ڪولرايو ويو

بقايا 26

بندي بابت سنڌ جي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته سڄي قوم کي پنهنجي بهادر پاڪ فوج تي فخر ۽ مڪمل اعتماد آهي. پاڪ فوج دشمن جي بزدلاڻه جارحيت جو منهن ٽوڙ جواب ڏئي قوم جو معو فخر سان معائنو ڪري ڇڏيو آهي اهي ڳالهيون هن سنڌ ٽرانسميشن اينڊ ڊس پيچ ڪمپني پاران آپريشن “بنيان مرصوص” جي ڪاميابي تي منعقده يوم تشڪر جي تقريب ۽ خطاب ڪندي ڪيون تقريب ۾ سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ لنجار توانائي سيڪريٽري مشتاق سومرو ايس ٽي ڊي سي جو سي اي او سليم شيخ، سينيئر جي ايم ٽيڪنيڪل طارق سعيد، چيف فنانشل آفيسر سجاد جونيجو ۽ توانائي ڊپارٽمينٽ جا آفيسر ۽ ملازم شريڪ ٿيا. ان موقعي تي ڪيڪ ڪٽڻ جي رسم پڻ ادا ڪئي وئي ناصر حسين شاهه آپريشن بنيان مرصوص جي ڪاميابي تي پاڪ فوج، پاڪ فضائيه ۽ بحريه جي سربراهن ۽ جوانن کي پيش ڪندي چيو ته اسان پاڪ فوج کي سلام پيش ڪريون ٿا. جنهن دنيا ۾ پنهنجو لوهه مڃرايو آهي

بقايا 27

طور ٿي آهن جڏهن ته زخمين ۾ هڪ سپاهي فوج علي جونيجو اظهر شاهاڻي ٻڌايو پيو وڃي، گمبٽ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمين ۽ فوتين کي گمبٽ گمس اسپتال منتقل ڪيو آهي پوليس موجب وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون ته واقعو ڪيئن پيش آيو آهي ضروري ڪارروائي بعد واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويندو

بقايا 28

جي درٻار هال ۾ گڏجاڻي ٿي گذري، جنهن ۾ پيپلز پارٽي جي چونڊيل نمائندن ايم اين اي خورشيد احمد جونيجو ايم پي اي جميل احمد سومرو ايم پي اي سهيل انور سيال، ايم پي اي عادل خان انڙ معاون خاص وزيراعليٰ سنڌ خير محمد شيخ، ڪمشنر لاڙڪاڻو طاهر حسين سانگي، ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو وجاهت غفور ميراڻي، چيئرمين ضلعي ڪائونسل لاڙڪاڻو اعجاز احمد لغاري، ميئر لاڙڪاڻو ايڊووڪيٽ انور علي لهر ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر (ون) لاڙڪاڻو فهد حسين جاگيراڻي اسسٽنٽ ڪمشنر لاڙڪاڻو راجا خان قريشي، سرائي سرفراز احمد ڪوڪر ۽ لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪاتي اوڊن واري کاتي جي صوبائي وزير سعيد غني چيو ته وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه ۽ ايم پي اي فريال ٽالپر جي هدايتن تي چونڊيل نمائندن سان مڪاني ادارن سان لاڳاپيل مسئلن بابت گڏجاڻيون ڪيون ان لاءِ وزيراعليٰ سنڌ پڻ مختلف ضلعن جي چونڊيل نمائندن سان گڏجاڻيون ڪيون هينئر اسان مڪاني ادارن جي مسئلن بابت لاڙڪاڻي ۾ گڏجاڻي ڪئي آهي هن چيو ته لاڙڪاڻي ۾ هي پهرين گڏجاڻي هئي جنهن ڪان پوءِ سان قمبر شهدادڪوٽ ويندس ۽ مختلف ڪاتن جا وزير به اچي ترقياتي ڪمن بابت چونڊيل نمائندن کان تجويزون وٺندا. هن چيو ته عام چونڊن کان پيپلزپارٽي جي سنڌ حڪومت گريڊ هڪ کان چار ۽ گريڊ 5 کان 15 تائين ڀرتين جو سلسلو شروع ڪندي آءِ بي اي سکر جي ذريعي ميٽرڪ انٽر گريجوئيشن جي بنياد تي ٽيسٽ ڪرائي پر ان وقت ايم ڪيو ايم پاڪستان عدالت ۾ وڃي اسٽي ورتي جنهن ڪري اهي ڀرتيون نه ٿي سگهيون جنهن کان پوءِ سنڌ حڪومت ڀرتين واري عمل تي ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته سنڌ حڪومت آءِ بي اي سکر طرفان ورتل ٽيسٽ کي ختم ڪرڻ بجاءِ برقرار رکيو ويو آهي پر جن نوجوانن جون عمريون 18 سال آهي انهن لاءِ ٻيهر ٽيسٽ ٿيندي جنهن کان پوءِ اڳ ٽيسٽ پاس ٿيل ۽ نئين ٽيسٽ ۾ پاس ٿيل ماڻهن کي اهو موقعو ملندو ته هو پنهنجي قابليت ۽ ٽيسٽ نتيجن موجب مختلف ڪاتن ۾ اپلاءِ ڪري سگهندا هن چيو ته ڀارت جي غنڊه گردي ۽ جنگي جنون ڪان پوءِ جنهن طريقي سان پاڪ فوج، پاڪ فضائيه ۽ پاڪ بحريه ڀارت کي جواب ڏنو آهي ان سان پاڪستانين جو ٻوري دنيا ۾ ڳاٽ اوچو ٿيو آهي جنهن جو مثال گهٽ ٿو ملي. ڀارت کي غرور هيو ته هو دنيا جو طاقتور ترين ملڪ آهي ۽ هو پاڻ کي سپر پاور سمجهي ويٺو هو ۽ يقينن ڀارت وڏو ۽ دفاعي اوزارن تي خرچ به ڪيو هوندو پر جڏهن هو ميدان ۾ آيو

بقايا 29

هڪ عظيم ريلي ڪڍي وئي، ريلي جي اڳواڻي چيئرمين بورڊ خالد حسين مهر ڪئي. بورڊ آفيس کان ڪڍيل ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن بينر ۽ قومي جهنڊا کڻي پاڪ فوج زنده باد جا نعرا هنيا، چيئرمين تعليمي بورڊ خالد حسين مهر چيو ته آپريشن بنيان المرصوص جي ڪاميابي تي شڪريو ادا ڪرڻ جي ريلي جو انعقاد ڪيو ويو آهي پاڪستان هندستان سان جنگ ۾ هر محاذ تي پنهنجي برتري ثابت ڪئي آهي. آپريشن بنيان المرصوص جي ڪاميابي جو ڪريڊٽ پاڪستان جي بهادر فوجن ڏانهن ۽ قوم جي وطن جي محافظن ملڪ ۽ قوم کي فخر سان بلند ڪيو اسان پاڪستان آرمي کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

بقايا 30

۽ اسامه پيءُ ۽ پٽ آهن پوليس جو چوڻ آهي ته حادثو تيز رفتاري سبب پيش آيو ۽ ڊمپر ڊرائيور حادثي کان پوءِ فرار ٿي ويو

بقايا 31

آهي ۽ هو اسپتال جي ٻاهران چانهه پيئڻ لاءِ هڪ هوٽل ۾ ويو هو ايس پي سائيٽ موجب واقعي ۾ هڪ شخص مارجي ويو ۽ پنج زخمي ٿيا، جڏهن ته فائرنگ ڪندڙ جي سڃاڻپ ظهير جي نالي سان ٿي آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار ظهير هوٽل ۾ انڌاڌنڌ فائرنگ ڪئي جڏهن ته جوابدار پاڻ کي به گولي هڻي زخمي ڪيو ايس ايس پي سائيٽ جو چوڻ آهي ته جوابدار ظهير پاڻ به اسپتال ۾ علاج هيٺ آهي

عام اطلاع

هر عام وخاص کي اطلاع ڏو ڪجي ٿو ته تالي مسمات رفيه بيواهه عبدالحڪيم هرڙو ويٺل ڳوٺ فضل محمد هرڙو تعلقو پريا ضلعو نوشهروفيروز اسان جي آفيس ۾ درخواست ڪئي آهي ته سندس مڙس تالي عبدالحڪيم ولد اميد علي هرڙو جيڪو تاريخ 2025-03-25 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي سرڪاري ملازم هيو جيڪو ريٽائرڊ دوران فوت ويو هيو ان جي هيئرشپ سرٽيفيڪٽ ڏنو وڃي فوتي جا هيٺيان وارث آهن جنهن جي پڻ پڻ شاهدن تالي هر هڪ محمد ايوب ولد دوست محمد 2. احسان علي ولد دوست محمد ويٺل ڳوٺ حاجي بڊو برڙو تعلقو پريا ضلعو نوشهروفيروز پڻ تصديق ڪئي آهي ته فوتي جا هيٺيان جائز وارث برابرحقي آهن 1. شهاب الدين پٽ، 2 اشفاق احمد پٽ، 3. مسمات مومل ڌيءُ، 4. مسمات سومل ڌيءُ، 5. مسمات فوزيه ڌيءُ، 6. مسمات ياسمين ڌيءُ، 7. مسمات رفيه بيواهه مٿي ڄاڻايل وارثن کان سواءِ ڪوبه بيو وارث ناهي، جيڪڏهن ان وارث کان علاوه بيو ڪوبه وارث آهي ته اهو هن اشاعت جي ستن ڏينهن اندر ثبوتن سميت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ٿئي، مدو پورو ٿيڻ بعد ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ هيئرشپ سرٽيفيڪٽ وارثن جي نالي جاري ڪيو ويندو.

بحڪم: مختيارڪار روينيو پريا

بقايا 01

تنظيم سجاڳ نوجوان اتحاد ايم ڪيو ايم پاڪستان، المنسوا ۽ عوامي حقوق اتحاد پاران پاڪستان زنده باد ريلي ڪڍي وئي، ان موقعي تي شهرين جو جوش ڏسڻ وٽان هو، پاڪ فوج زنده باد پاڪستان پائند باد جا نعرا شهر جي فضائن ۾ گونجندا رهيا، ريلي ۾ شامل اڳواڻن ڪامريڊ غلام حسين مغيري، گلاب خان وڳڻ، يار محمد مغيري، محمد بخش خاصخيلي، ساجد مغيري، شبير احمد چانڊيو، محبوب پنهور، امتياز خاصخيلي، يوسف ڪلهوڙو، زاهد مغيري ۽ ٻين چيو ته اڄوڪي ريلي پاڪ فوج کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ ڪڍي آهي پاڪ فوج بهادري جو مظاهرو ڪري مودي کي پوئتي هٽڻ ۽ پڇڙ تي مجبور ڪري پاڪستان جو مورال بلند ڪيو آهي، هنن چيو ته اسان کي پاڪ فوج تي فخر آهي جنهن ملڪ جي حفاظت لاءِ شاندار ڪارڪردگي ڏيکاري پاڻ کي سموري دنيا ۾ سرخرو ڪري، سموري دنيا ۾ پاڪستاني عوام جو مورال بلند ڪيو آهي، ملڪ جو عوام پاڪ فوج سان گڏ آهي، ملڪ جي حفاظت لاءِ هر قرباني ڏيڻ کان نه ڪيٻائيندا سين هنن وڌيڪ چيو ته پاڪستاني قوم هن نازڪ وقت ۾ پاڪ فوج سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي، جيڪي ملڪ جي سلامتي لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهن پاڪستاني فوج دنيا جي عظيم ۽ طاقتور فوج آهي پاڪ فوج جي صلاحيتن کي دنيا پڻ تسليم ڪيو آهي، هنن چيو ته پاڪ فوج سان محبت رڳو لفظن تائين محدود نه آهي پر جيڪڏهن ضرورت پئي ته ملڪ خاطر پنهنجي جانين جو نذرانو ڏيڻ کان پوئتي نه هٽنداسين، هنن مطالبو ڪيو ته اقوام متحده والاريل ڪشمير ۾ ڀارت جا ٿيندڙ ظلم بند ڪرائي بيگناهه ڪشميرين جي خون سان انصاف ڪري ڀارت کي مسلمانن جي نسل ڪشي ڪرڻ تي سموري دنيا آڏو بي نقاب ڪري دهشتگرد ملڪ قرار ڏنو وڃي.

بقايا 02

جي اڳواڻي ميونسپل ڪميٽي چيئرمين رشيد اسلام مغل ڪئي، جيڪا شهر جي مختلف علائقن مان گذري ۽ ميونسپل ڪميٽي آفيس تي ختم ٿي، ريلي ۾ جبار يوسفزئي، سهيل منگهڻ، فيڊريشن آف ڪامرس جي نائب صدر حاجي يامين، لالو قريشي، ون فائيو انچارج عمران ابڙو ۽ ٻين معززين سميت شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن پاڪستان جي هٿياربند فوج جي حق ۾ نعرا هنيا ۽ انهن جي قربانين کي خراج تحسين پيش ڪيو، ان موقعي تي مقررن چيو ته ملڪ جي حفاظت ڪندڙ اسان جا اصل هيرو آهن ۽ پوري قوم کي انهن تي فخر آهي، ريلي ۾ ماڻهن آتشبازي جو مظاهرو پڻ ڪيو، ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن قومي جهنڊو لهرايو ۽ پنهنجي حب الوطني جو اظهار ڪيو، سانگهڙ جو ماحول "پاڪستان زنده باد" جي نعرن سان گونجندو آهي؟

بقايا 03

۽ تشڪيل ۾ ڪرنگهي جي هڏي واري اهميت رکي ٿو اڄ جو پاڪستان نوجوان نسل کي سڏي رهيو آهي ۽ انتظار ڪري رهيو آهي ته نئين نسل ان کي ذهني غلامي سيڪيولرزم، بي مقصديت، غربت، بيماري، بيروزگاري، بين الاقوامي بدديانتي ۽ ڪرپٽ حڪمرانن کان نجات ڏياري، اهڙن خيالن جو اظهار هن نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن بلوچستان جي اجلاس ۾ خاص شرڪت جي موقعي تي ڪيو. نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن بلوچستان جي اجلاس ۾ آرگنائيزر عبدالقادر ڪاڪڙ علي طاهر پتو علي محبوب ميراڻي سميت ٻين شرڪت ڪئي اجلاس ۾ پاڪستان انقلابي پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جي ميمبر ڪامريڊ نعيم احمد بلوچ ملڪي حالتن کي نظر ۾ رکندي 10 مئي تي ڪوئيٽا ۾ نوجوانن جي حوصلا افزائي لاءِ منعقد ڪيل ڪنوينشن جي ملتوي ٿيڻ تي پارٽي جي مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر مشتاق احمد حمد سلطان پاران نوجوانن کان معافي وٺندي چيو ته انشاءَالله ملڪي حالتون بهتر ٿيڻ کان پوءِ جلد ئي ڪنوينشن جي نئين تاريخ جو اعلان ڪيو ويندو ۽ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن بلوچستان جي آرگنائزر عبدالقدير ڪاڪڙ جي انتظام هيٺ ڪنوينشن جون سمورين تياريون ۽ انتظام طئي ڪيا ويندا جنهن تي نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن بلوچستان جي آرگنائزر عبدالقدير ڪاڪڙ ۽ ٻين ميمبرن پاڪستان انقلابي پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جي ميمبر نعيم احمد بلوچ جو شڪريو ادا ڪيو ۽ مڪمل تعاون جي خاطري ڏيندي چيو ته اجلاس ۾ ٻين معاملن تي غور ويچار ڪيو ويو.

بقايا 04

فائونڊيشن (SEF)حڪومت سنڌ جي سهڪار سان هلندڙ پيپلز اسڪول مڪلي ڪيمپس ۾ تعليمي سال 2025_26 جي داخلا مهم جي حوالي سان، اسڪول کان ٻاهر ٻارن ۽ خاص ڪري نياڻين جي تعليم جي اهميت بابت آگاهي سيشن ڪرايو ويو تقريب ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر گهنور علي لغاري، اسڪول

ايجوڪيشن ۽ لٽريسي ڊپارٽمينٽ جا اعليٰ عملدار، ٺٽو ۽ سجاول جا ضلعي تعليمي آفيس تعليمي ماهر ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اسڪول جي شاگردن طرفان هڪ ٽيبلو پيش ڪيو ويو جنهن ۾ نياڻين جي تعليم ۾ درپيش سماجي ۽ ثقافتي رڪاوٽن کي نمايان ڪيو ويو ٽيبلو جو بنيادي پيغام هيو ته تعليم هر شهري جو آئيني ۽ بنيادي حق آهي ان وقعي تي خطاب ڪندي SEFجي مئنيجنگ ڊائريڪٽر گهنور علي لغاري چيو ته "تعليم اهو وسيلو آهي جيڪو سماجي اڻ برابري کي ختم ڪري سگهي ٿو خاص طور تي نياڻين لاءِ معاري تعليم غربت ۽ صنفي امتيازن جي چڪر مان نڪرڻ جو ذريعو آهي." هن وڌيڪ چيو ته ٺٽو ۽ سجاول جهڙا علائقا، جيڪي موسمياتي تبديلي جي اثرن کان تمام گهڻو متاثر آهن، اتي نياڻين کي تعليم تائين رسائيءَ ۾ اڃا به ڏکيائيون آهن. "اهڙين حالتن ۾ اهو ضروري آهي ته اسڪول سڀني ٻارن لاءِ جامع، لچڪدار ۽ قابل رسائي هجن، ۽ استاد به صنفي برابريءَ کي فروغ ڏيڻ لاءِ بااختيار هجن." سنڌ حڪومت جو پبلڪ_ پرائيويٽ پارٽنرشپ ماڊل تعليمي شعبي ۾ مثبت تبديلي آڻي رهيو آهي، "صرف آگاهي ڪافي ناهي، حقيقي تبديلي گڏيل ڪوشش سان اچي ٿي، اچو ته اهڙي سماج جي تعمير ڪريون، جتي نياڻيون ۽ ڇوڪرا هڪجهڙي تعليم حاصل ڪن ۽ ملڪ جي ترقيءَ ۾ برابر جا ڀاڱي ڀائيواري ٿين." SEFجي ڊائريڪٽر پروگرامز اينڊ پلاننگ، ضلعي تعليمي آفيسرن ۽ ٽيم ٽيڪ ون جي سي اي او سميت ٻين مقررن به خطاب ڪيو ۽ نياڻين جي تعليم کي قومي ترجيح قرار ڏنو SEFهن وقت ٺٽو ۽ سجاول ضلعن ۾ 102 اسڪول هلائي رهي آهي، جتي 30 هزار کان وڌيڪ شاگردن کي مفت ۽ معياري تعليم فراهم ڪئي پئي وڃي، آخر ۾ SEF جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر گهنور علي لغاري گهارو ۾ ترڪش ڪالوني ۾ فائونڊيشن جي سهڪار سان هلندڙ اسڪولن جو دورو ڪيو جتي تعليمي سرگرمين جو جائزو ورتو ۽ استادن توڙي شاگردن سان پڻ ملاقات ڪئي.

بقايا 05

لطيف پليجي 12 مئي جي شهيد محمد نواز ڪنراٽي سميت 48 شهيدن کي 18هين ورسي جي موقعي تي سرخ سلام پيش ڪندي چيو آهي ته شهيد محمد نواز ڪنراٽي 12 مئي 2007 تي ڪراچي ۾ امن، عدل، انصاف ۽ جمهوريت جي بحالي لاءِ ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن هٿان شهيد ٿيو جڏهن ملڪ تي ڊڪٽيٽر شپ قائم هئي قانون بدران آمريت جي ڪاري رات هئي، تڏهن انصاف ۽ آئين جي بحالي لاءِ شهيد محمد نواز ڪنراٽي ڪراچي ۾ پنهنجي هزارين سنڌياڻي تحريڪ جي ڀينرن ۽ ڀائرن سان گڏجي چيف جسٽس افتخار چوڌري جي استقبال لاءِ ويو ته ملڪ دشمن ۽ انسان دشمن دهشتگردن حملو ڪري شهيد محمد نواز ڪنراٽي سميت درجين معصوم ماڻهو شهيد ڪري ڇڏيا ان وقت اقتدار جي طاقت ۾ مدهوش دهشتگردن جي سرپرست اسلام آباد ۾ ويهي دنيا کي مڪا ڏيکاري فتح ۽ طاقت جو مظاهرو ڪيو هو اياز لطيف پليجي چيو ته دهشتگردن ملڪ جي عوام ۽ معيشت کي يرغمال ڪري ڇڏيو هو ڀتاخوري، قبضاگيري ۽ دهشتگردي جي ڪري شهري قيد ۾ هئا وڪيلن، مزدورن ۽ عام ماڻهن کي زنده جلائي قتل ڪري درندگي جون سفاڪ مثالون قائم ڪيون ويون اياز لطيف پليجي چيو ته شهيد محمد نواز ڪنراٽي درندگي اڳيان خاموش رهڻ بدران انصاف جي جدوجهد ۾ اڳواٽي وارو ڪردار ادا ڪري دهشتگردي کي شڪست ڏني قومي عوامي تحريڪ شهيد محمد نواز ڪنراٽي جي واٽ تي هلي دهشتگردن جي راڄ کي ختم ڪيو آهي شهيد محمد نواز ڪنراٽي جي جدوجهد تي پارٽي ۽ قوم کي فخر آهي

بقايا 06

ڪردار ادا ڪرڻ تي آمريڪا جي صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو آهي صدر ٽرمپ پاران بروقت پاڪ ڀارت جنگ کي روڪرائي لکين خاندانن جي زندگين کي بچائي ورتو جاري ڪيل بيان ۾ سيد شفقت علي شاهه جو چوڻ هو ته ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته پاڪستاني فوج دشمن فوج تي حاوي رهي ۽ ڀارت خلاف 40 منٽن جي جوابي حملي ڀارت حڪومت کي جهڪڻ تي مجبور ڪيو جڏهن ته آمريڪا جي صدر ڪشمير مامري کي حل ڪرائڻ لاءِ پڻ اظهار ڪيو آهي جيڪڏهن ڪشمير مسئلو مذاڪرات ذريعي حل ٿي ويو ته خطي ۾ امن ٿيندو جنهن سان علائقائي ترقي ۽ خوشحالي ايندي ڪشمير مسئلي حل ڪرائڻ ۾ پاڪ ڀارت کي سنجيدگي جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي

بقايا 07

۾ هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي ريلي جي قيادت اڳوٽي ضلع ناظم ٿرپارڪر ارباب انور جبار، سابق ايم پي اي عبدالرزاق راهمون، اڳوٽي تعلقي ناظم چاچرو دلاور خان مالڪاٽي ڪئي ريلي ۾ هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي، ريلي نيشنل بينڪ کان ڪشمير چوڪ تي پهتي جتي تلاوت ڪلام پاڪ ڪانپوءِ قومي ترانو پڙهيو ويو جنهن ڪانپوءِ جي ڊي اي جي مرڪزي اڳواڻ ارباب انور جبار، عبدالرزاق راهمون، دلاورخان مالڪاٽي، خليفو سلطان راڄڙ وڪيل راءِ سنگهه سوڍو، وڪيل قربان علي سميجو، مير محمد بليدي، ماما وشن ٿري، محمد حنيف بجير ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان تي ميري اک کڻندڙ ۽ معصوم شهرين تي مودي سرڪار رات جي انڌيري ۾ بزدلاڻو حملو ڪيو جنهن جو اسانجي پاڪ فوج ڳائي وڄائي مونهن توڙ جواب ڏئي مودي حڪومت کي بري طرح ناڪام بڻايو اسان پنهنجي وطن عزيز جي پاڪ فوج تي فخر محسوس ڪيون ٿا جنهن مودي سرڪار کي منهن توڙ جواب ڏئي پاڪستاني قوم جو فخر ساڻ گاٽ اوچو ڪيو آهي اسانجي پاڪ فوج پنهنجي پيشيوراڻي صلاحيتن جي بنياد تي انڊين آرمي جو ايئر ڊفينس سسٽم کي غير فعال بڻائي انهن جا اهي نڪاٽا تباهه ڪيا جتان هنن بيگناهه پاڪستاني شهرين تي حملا ڪيا هئا ريلي ۾ پاڪستان زند آباد پاڪ فوج زند آباد جا نعرا هنيا ويا.

بقايا 08

۾ مدني مسجد کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، ريلي شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي پريس ڪلب پهتي ۽ مظاهري جي شڪل

اختيار ڪري وئي. ريلي کي خطاب ڪندي علامه مولانا محمد اشرف سعيدي چيو ته هن ريلي جو مقصد دشمن کي پيغام ڏيڻ آهي ته پوري قوم متحد آهي ۽ رت جي آخري ڦڙي تائين ملڪ جو دفاع ڪندي. سڄي قوم پاڪستاني فوج سان گڏ بيٺي آهي. هن چيو ته پاڪستان جو دفاع ناقابل تسخير آهي، پاڪستان پنهنجي دفاعي برتري ثابت ڪري ڇڏي آهي، هاڻي ڀارت ڪڏهن به جارحيت ڪرڻ جي جرئت نه ڪندو هن چيو ته پاڪستان دنيا کي ٻڌائي ڇڏيو آهي ته اسان جنگ بلڪل نٿا چاهيون، پر جيڪڏهن ڪنهن به پاڪستان تي جنگ مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان کي اهڙو جواب ڏنو ويندو جو دشمن هميشه ياد رکندو هن چيو ته دنيا ڏٺو آهي ته اسان جي پاڪستاني فوج دشمن کي گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪيو آهي. پاڪستان جي فوج بي مثال جرئت ۽ پيشيوراڻي صلاحيت جو مظاهرو ڪندي ۽ ڀارت کي مناسب جواب ڏئي قوم جو سر فخر سان بلند ڪيو آهي. هن چيو ته اسان جنرل عاصم منير ۽ پاڪ فوج کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا ته انهن ملڪ خلاف دشمن جي هر چال ۽ سازش کي ناڪام بڻايو

بقايا 09

ڏينهن هو جنهن ڏينهن طاقت جي نشي ۾ دهشتگردن ڪراچي ۾ رت جي هولي کيڏي، ۽ 50 کان وڌيڪ بيگناهه ماڻهن کي بي رحمي سان قتل ڪيو ويو هن بربريت کي تاريخ ۽ قوم ڪڏهن به وساري نه سگهندي. افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته ڪراچي ۾ پيش آيل سانحي کي 18 سال گذري ويا آهن، پر ذميوار اڃا تائين قانون جي پڪڙ کان ٻاهر آهن. انصاف لاءِ وهايل رت اڄ به انصاف جي اوسيئڙي ۾ آهي. پر قاتلن کي ياد رکڻ گهرجي ته الله جي لٺ بي آواز آهي، دنيا ۾ ته ماڻهو لڪي سگهن ٿا، پر الله جي عدالت ۽ دردناڪ انجام کان بچي نه ٿا سگهن. هن اڄ هڪ بيان ۾ چيو ته جيڪڏهن 12 مئي جي قاتلن کي عبرتناڪ سزا ۽ شهيدن کي انصاف ملي ها، ته پوءِ طاهر پلاڃو ۾ وڪيلن کي زنده ساڙڻ، بلديه فيڪٽري سانحو صحافي ولي خان بابر اورنگي ٽائون جي سماجي ڪارڪن پروين رحمان جو وحشيانو قتل نه ٿئي ها. صوبائي امير چيو ته افسوسناڪ ڳالهه اها به آهي ته ان وقت جي چيف جسٽس آف پاڪستان وڪيلن جي جدوجهد سان پنهنجي عهدن تي بحال ته ٿيو پر انهن جي استقبال لاءِ ايندڙ عوام، سياسي ڪارڪنن ۽ وڪيلن جي رت سان انصاف نه ڪيو بلڪ قاتل ظاهر هجڻ باوجود گرفتار نه ٿيا. سنڌ ۾ 17 سال کان اقتدار ۾ ويٺل پيپلز پارٽي به 12 مئي جي قاتلن کي سزا ڏيارڻ ۾ ناڪام رهي، هن گهرڪئي ته 12 مئي تي قتل ٿيل بيگناهه ماڻهن کي انصاف ڏياريو وڃي. ڏوهاري ڪٿي ڪيترا به بااثر ڇو نه هجن، انهن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي.

بقايا 10

۾ 3 آفيسر چيف آپريٽنگ آفيسر جاويد اختر آخوند، پي ڊي (ڪنسٽرڪشن) مقصود احمد ڪوريو ۽ ايس اي جي ايس او رميش ڪمار کي تازو ئي ڪجهه ڏينهن اڳ آيل آنڌي ۽ طوفاني بارش ۾ بجلي جي ترسيلي نظام 132 ڪي وي هاءِ ٽرانسميشن لائين جي ڪرندڙ ٽاورز کي بيهر لڳائي تمام گهٽ مدي اندر بجلي بحال ڪرڻ تي ۽ اپريل مهيني ۾ 2025 ۾ آپريشن سرڪلز ۾ بهترين ڪارڪردگي رڪوري ۽ AT&C لاسز گهٽ ڪرڻ تي 14 آفيسرن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. جن ۾ 2 سپرنٽنڊنگ انجنيئر 2 ايگزيڪيوٽو انجنيئر ۽ 10 سب ڊويزن آفيسر پڻ شامل آهن. حيدرآباد حيسڪو ترجمان موجب چيف ايگزيڪيٽو آفيسر حيسڪو فيض الله ڏاهري اڄ حيسڪو ڪانفرنس هال ۾ سڀني آپريشن سرڪل جي آفيسرن جي ڪارڪردگي معلوم ڪرڻ جي حوالي سان گڏجاڻي ڪوٺائي، ان موقعي تي بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ آفيسرن کي تعريفي سندون ڏنيون ويون، ان موقعي تي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر حيسڪو فيض الله ڏاهري ۽ چيف ٽيڪنيڪل انجنيئر ايڊوائزر طفيل حسين ميربحر سڀني ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ملازمن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏئي سڀني کي واڌايون پڻ پيش ڪيون، ان موقعي تي هنن چيو ته اهو اوهان جي محنت جو صلو آهي جنهن سان اوهان جي عزت ۾ اضافو ٿئي ٿو ان سان حيسڪو جي نيڪ نامي سان گڏ ترقي به ٿي رهي آهي.

بقايا 11

گذريل ڏينهن گمبٽ باءِ پاس وٽ روڊ حادثي جو شڪار ٿي سخت زخمي ٿي پيا. زخمين کي فوري طور تي گمبٽ جي گمس اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي ابتدائي طبي امداد ڪانپوءِ بهتري کي خيرپور جي شاهاني بون ڪيئر اينڊ ٽراما سينٽر ريفر ڪيو ويو، ضيغم رضا مغل جي حالت نازڪ هجڻ سبب ڊاڪٽر مهتاب شاهاني جي نگرانيءَ ۾ فوري طور تي آپريشن ڪيو ويو، جيڪو ڪامياب ويو صحافتي برادري ۽ دوستن جي دعائن سان ڪاميابي سان مڪمل ٿيو. ضيغم رضا مغل هاڻ خطري کان ٻاهر آهي، حادثي جي اطلاع تي راڻيپور، گمبٽ، ڦقيرا آباد ۽ ڪمب سميت پرياسي جي شهرن مان صحافين وڏي انگ ۾ گمس اسپتال پهچي صدر صاحب جي عيادت ڪئي ۽ سائنس همدردي جو اظهار ڪيو ان سلسلي ۾ اڄ ضيغم رضا مغل جي پٽ ريحان رضا جو پڻ آپريشن طئي ٿيل آهي، جنهن لاءِ عوامي پريس ڪلب راڻيپور پاران سڀني صحافتي، سماجي ۽ سياسي دوستن کان دعائن جي اپيل ڪئي وئي آهي، واضح رهي ته ضيغم رضا مغل صحافتي ميدان جو سرگرم ڪارڪن آهي ۽ هميشه صحافت جي آزادي ۽ عوام جي آواز لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو آهي.

بقايا 12

ڊوبڻ شهيد بينظيرآباد پنهنجي جاري ڪيل پڌرائي ۾ ڄاڻايو آهي ته سنڌو درياءَ ۽ روهڙي ڪئنال ۾ پاڻي جي ڪوٽ سبب داد ڊوبڻ مان نڪرندڙ مختلف واهه ۽ شاخون وارا بندي سبب 9 مئي کان 17 مئي تائين ڪليل ۽ بند رهنديون پڌرائي ۾ وڌيڪ ڄاڻايو ويو آهي ته گروپ ون مان نڪرندڙ واهه ۽ شاخون ميرڪن مائنر پيهو مائنر جمال شاهه ڊسٽري، ورياهه مائنر جان محمد مائنر ڪلهر ڊسٽري، راهب شاهه ڊسٽري ۽ چنيسر مائنر 9 مئي صبح 6 وڳي کان 17 مئي صبح 6 وڳي تائين ڪليل رهندا جڏهن ته داد ڊوبڻ جي گروپ ٽو مان نڪرندڙ واهه ڪريڪيم مائنر منهوءِ مائنر سن مائنر ملواهه ڊسٽري، سڪرنڊ ڊسٽري ۽ ڇهوٽي ريڙ

مائنر 9 مئي صبح 6 وڳي کان 17 مئي صبح 6 وڳي تائين بند رهندا.

بقايا 13

تي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جيئرمين ساره جاويد چيو ته مرڪزي ۽ صوبائي حڪومت طرفان نيشنل ايڪشن پلان تي عملدرآمد لاءِ ضلعي سطح تي ڊپٽي ڪمشنرجي اڳوائي ۾ ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته ڪاميٽي ۾ پوليس، ايڪسائيز ڳجهن ادارن جي سربراهن، خوراڪ کاتي، زراعت، انرجي، ليبر سوشل ويلفيئر، وومين ڊولپمينٽ، اوقاف سميت قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي آفيسرن کي ميمبر طور مقرر ڪيو ويو آهن. هن چيو ته ڪاميٽي جو مقصد ضلعي ۾ غيرقانوني هلندڙ پيٽرول پمپ، يونٽس، ايجنسيس منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف ڪاروائي، بجلي چوري، نان ڪسٽم پيڊ شيون خريد و فروخت جي روڪٿام ۽ مدرسن جي رجسٽريشن لاءِ قدم کڻڻ آهي. ڊپٽي ڪمشنر گڏجاڻي کي آگاهه ڪندي چيو ته ملڪي حالات جي پيش نظر تمام آفيسر ضلعي انتظاميا سان رابطو مظبوط ڪن ۽ دشمن جي پڪڙيل غلط پروپيگنڊا کي منهن ڏيڻ لاءِ پڻ قدم کڻڻ ته جئين عوام کي ڪوڙ تي ٻڌل خبرن جي افراتفري کان بچائي سگهجي، هن چيو ته ڪاميٽي جو اجلاس هر مهيني ڪري ڪاروائين جي جائزو وٺندي مرڪزي ۽ صوبائي اپيڪس ڪاميٽي ڏانهن رپورٽ اماڻي ويندي، ڊپٽي ڪمشنر ڪاميٽي ميمبرن کي صوبائي اپيڪس ڪاميٽي جي هدايتن تي عمل ڪندي ڪاروائيون تيز ڪرڻ جو حڪم ڏنو ته جيئن انهن جي رپورٽ اپيڪس ڪاميٽي ڏانهن پهچائي سگهجي. اجلاس ۾ چورچاڻوٽي جي ڪيپٽن عبدالوهاب، ايس ايس پي سانگهڙ غلام نبي ڪيريو، صوبيدار نواز عورتن جي پلاڻي واري کاتي جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر حنا خان، جيئرمين عشر زڪوات ذوالفقار علي چانڊيو، سمورن تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرز ۽ ڪاميٽي ميمبرن شرڪت ڪئي.

بقايا 14

پاران زرعي زمين تي مبينا قبضي، ظلمن ۽ ڌمڪين خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري ۾ رفيق مهر بخت الله مهر اسد مهر شڪيل مهر ۽ ٻين شرڪت ڪئي مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کنيا هئا ۽ انصاف جي فراهمي لاءِ نعرا هنيا ميڊيا سان ڳالهائيندي مظاهرين الزام هنيو ته چار سال اڳ هنن پنهنجي ملڪيت واري زمين، جيڪا محمد حسن مهر جي نالي تي آهي، ڏهه ايڪڙ زمين پنهنجن مائٽن نصر الله مهر حاڪم، گلشير شفيع ۽ احسان کي ساليانو في ايڪڙ پارنهن من ڪڻڪ جي ادائگيءَ جي بنياد تي ٺيڪي تي ڏني هئي، پر هاڻ انهن جوابدارن زمين تي غيرقانوني قبضي سان گڏ ادائگيءَ کان به انڪار ڪري ڇڏيو آهي هنن ٻڌايو ته جڏهن هنن ان زيادتين خلاف شڪايت ڪئي ته جوابدارن الٽو انهن تي حملو ڪري ظلم ڪيو جنهن ۾ عبدالوحيد، عبدالقادر علي احمد، شاهد ۽ اسد الله سميت پنج ڄڻا زخمي ٿي پيا هنن وڌيڪ چيو ته نه صرف تشدد ڪيو ويو پر ڪين گڻتي جوڳين نتيجن جي ڌمڪين به ڏنيون پيون وڃن مظاهرين الزام هنيو ته واقعي جي ڪڙڙي ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪرائي آهي پر پوليس اسان جي مدد ڪرڻ بدران جوابدارن جي سرپرستي ڪري رهي آهي، جيڪا سراسر ناانصافي آهي مهر برادري جي ماڻهن ٻڌايو ته هنن زمين جي قبضي، حملن ۽ ڌمڪين خلاف لاڳاپيل ڪاٿن ۽ پوليس آفيسرن کي لڪت ۾ درخواستون ڏنيون آهن، پر اڃا تائين تدارڪ ناهي ٿيو، مظاهرين اعليٰ اختيارين، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ٻين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي زمين تان قبضي جو خاتمو، جوابدارن جي گرفتاري ۽ متاثرن کي تحفظ ۽ انصاف ڏنو وڃي

بقايا 15

ويل مختيار احمد کي معاوضو فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت کي سفارشي خط لکي ڇڏيو خبر موجب ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي ڊاڪٽر سيد محمد علي گهرو سيڪريٽري حڪومت سنڌ کي هڪ خط لکي سفارش ڪئي آهي ته ڊرون تباهه ٿيڻ سبب شهيد ٿي ويل ڌهرڪي واسي مختيار احمد لغاري جي وارثن کي معاوضو فراهم ڪيو وڃي. ياد رهي ته 8 مئي تي ڌهرڪي ويجهو ڳوٺ الهوسايو لغاري ۾ ڀارتي ڊرون تباهه ٿي ويو هو جنهن جي نتيجي ۾ مختيار احمد لغاري شهيد جڏهن ته سنڌس والد عيدن لغاري زخمي ٿيو هو، شهيد مختيار احمد جي سوڳوارن ۾ هڪ گهرواري، 5 ۽ 7 سالن جون 2 نياڻيون ۽ 3 سالن جو هڪ پٽ شامل آهي.

بقايا 16

جي ميزائل حملن ڀارت کي جهڪڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. پاڪستاني هٿياربند فوج پنهنجي بهادري، حڪمت عملي ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان دشمن تي هڪ فيصلائتي فتح حاصل ڪئي آهي. پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ مخدوم سعيد الزمان عاطف چيو ته "آپريشن بنيان المرصوص" جي نتيجي ۾ ڀارت جا اهم فضائي ۽ فوجي اڏا مڪمل طور تباهه ڪيا ويا آهن، جڏهن ته دشمن جا جديد ترين رافيل جنگي جهاز به فضائي مقابلي دوران هوا ۾ ئي تباهه ڪيا ويا. هي آپريشن قومي سلامتي، خطي جي امن ۽ دشمن جي وڌندڙ جارحيت کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ لازمي قدم هو جنهن ۾ پاڪ فوج جي بهادر سپاهين ۽ فضائيه جي ماهرن پنهنجي ڪارڪردگيءَ سان دشمن کي منهن توڙ جواب ڏنو مخدوم سعيد الزمان "عاطف" وڌيڪ چيو ته اسان جي فوجي قيادت ۽ سپاهين جي عزم، فني مهارت ۽ قربانين جي نتيجي ۾ دشمن کي خوفناڪ نقصان ٿيو آهي. رافيل جهازن جي تباهي اهو ثابت ڪري ٿي ته پاڪستان جي فضائي صلاحيت ڪنهن به طور تي گهٽ نه آهي. اسان پنهنجي سرحدن، آزادي ۽ قوم جي وقار جي حفاظت لاءِ هر وقت تيار آهيون. مخدوم سعيد الزمان "عاطف"چيو ته پاڪ فوج جي بهادري، حڪمت عملي ۽ مضبوط حوصلو اڄ صرف پاڪستان لاءِ ئي نه، پر سڄي اسلامي دنيا لاءِ هڪ مثال آهي. مخدوم سعد الزمان عاطف چيو ته فلسطين جا ٻارڙت ۽ لٽاڙيا وڃن پيا، بيگناهه مسلمان شهيد ٿين پيا. هاڻ خاموشي جو وقت ختم ٿي ويو آهي. پاڪ فوج جو عمل اهو پيغام ڏئي ٿو ته جيڪڏهن ارادو ايمان ۽ جرئت هجي ته ڪو به دشمن شڪست کان نه بچي

سگهندو. پاڪستان دنيا جي امن، انصاف ۽ انساني حقن جي علمبردار جي حيثيت سان مسلمان ملڪن کي اتحاد، جرئت ۽ عمل جي دعوت ڏئي ٿو ته اهي به ظلم خلاف آواز اٿارين ۽ عملي قدم کڻن.

بقايا 17

جي پنجو باغ روڊ پرسان نيشنل هاءِ وي تي ٽرالر ۽ ٽريڪٽر ٽرالي وچ ۾ ٽڪر جي لڳڻ جي نتيجي ۾ ڳوٺ صوبيدار کهاوڙ جو رهواسي هڪ ڄڻو نوجوان محمد پريل کهاوڙ موقعي تي ئي فوت ٿي ويو، جڏهن ته هڪ ڄڻو محمد وسيم پٽ محمد هاشم سخت زخمي ٿي پيو،اطلاع تي پوليس پهچي فوتي جو موڙهه ۽ زخمي کي تعلقي اسپتال منتقل ڪرايو ويو،جتان زخمي نوجوان کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سکر اسپتال منتقل ڪيو ويو.

بقايا 18

هيٺ جلسو منعقد ڪيو ويو جيڪو ڳوٺ جي نوجوان منير احمد چانڊيو پنهنجي والد جي ايصال ثواب لاءِ سندس جاليهي جي موقعي تي ڪرايو جنهن ۾ منير احمد چانڊيو کي خانداني پڳ پڻ ٻڌرائي وئي،ان موقعي تي علامه عاشق حسين راڄپر قرآن وحديث جي روشني ۾ والدين جي عظمت ۽ فضيلت تي تفصيلي بيان ڪيو جلسي ۾ ڪافي تعداد ۾ علائقي جا معززين شريڪ ٿيا جن ۾ خان محمد چانڊيو، مجيب الرحمان چانڊيو، آفتاب احمد چانڊيو، حاجي الهبچايو چانڊيو، خالد حسين چانڊيو، خادم حسين چانڊيو شامل هئا جڏهن ته مختلف مذهبي شخصيتن پڻ جلسي ۾ شرڪت ڪئي جن ۾ محمد الدين چانڊيو، حافظ محمد مٺل سڪندري سميت سوين عاشقان رسول شامل هئا ان کان اڳ، حافظ دوست علي خاصخيلي، حافظ حبيب الله خاصخيلي، خادم حسين خاصخيلي، غلام علي خاصخيلي آيل مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪيو

بقايا 19

صفائي ستٿرائي جو به عمل جاري تفصيل موجب: سروري جماعت جي روحاني پيشوا ايم اين اي متياري مخدوم جميل الزمان ۽ صوبائي وزير بحالي مخدوم محبوب الزمان جن جي هدايتن تي جيئرمين ٽائون ڪاميٽي پٽ شاهه سيد خاور حسين شاهه لطيفي جن جي حڪم تي وائيس جيئرمين ٽائون ڪاميٽي پٽ شاهه رانا محمد عثمان راڄپوت جن جي نگراني ۾ دنبورا چوڪ جي رنويشن جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي شهر جي مختلف جوڪن جوراين روڊ رستن گهٽين جي صفائي ستٿرائي جو پڻ عمل جاري ۽ ساري رکيو ويو آهي

بقايا 20

سجاول بار ايسوسيئيشن جي صدر سجاد خواجه آفتاب ايچ پنهور لالا ياسر پان سمورن وڪيل برادري جي مان جسقم ضلعي سجاول طرفان سورج سجاولي پريس ڪلب ۾ مڃتا تقريب رکي وئي جنهن ۾ بار ايسوسيئيشن جي اڳواڻن سجاد خواجه آفتاب ايچ پنهور لالا ياسر پان سينئر وڪيل لياقت جماري،سيد عمران شاهه .زاهد ڪوسو ايوب ڪوسو. اياز لغاري وسيم باغي ملاح سميت بار ايسوسيئيشن جي سمورن وڪيلن شرڪت ڪئي ان کان اڳ جسقم بشير خان گروپ طرفان ڪين گلن جي ورڪا سان گڏ اجرڪون اوڍايون ويون ان موقعي تي جسقم بشير خان گروپ جي ضلعي سجاول جي اڳواڻن محمد خان پنهڻ منظور ميمڻ. حاجي خان جلالاڻي. منظور ميمڻ پريس ڪلب جي صدر اسماعيل سرويچ اياز امر شيخ سماجي اڳواڻ داءود امر ميمڻ جن خطاب ڪندي چيو ته اسان پڻ ڪئنالن خلاف احتجاج ڪيا ۽ جيڪي جاري رهيا ان باوجود اسان جس تا ڏيون وڪيل برادري کي جن ۾ بار ايسوسيئيشن جي اڳواڻن سجاد خواجه آفتاب ايچ پنهور لالا ياسر پان ۽ ٻين جدوجهد ۾ شامل رهيا ڪين سلام پيش ڪريون ٿا ان دوران سجاول بار ايسوسيئيشن جي صدر سجاد خواجه آفتاب ايچ پنهور لالا سينئر وڪيل لياقت جماري چيو ته اسان جو پيشو پوءِ آهي ان کان اڳ اسان اسان سنڌي آهيون درياءَ جو پاڻي پيتو آهي هن اشو کي اسان پنهنجي واڪاڻ لاءِ مزاحمت يا مزمت نه ڪئي بلڪي هي اسان جي جيابي جو مسئلو هو جنهن لاءِ اسان ميدان تي رهياسين ۽ جڏهن به سنڌ جي عوام خلاف جيڪو به منصوبو يا ڏکيو ڏينهن آيو ته سنڌ سڄڻ سان گڏ وڪيل برادري پڻ انهن سان گڏ هونداسين

بقايا 21

ڳالهائيندي چيو ته تازو ڀارت پاران ڪيل بزدلاڻ حرڪت تي پاڪ فوج جاندار جواب ڏئي نه صرف ڀارت کي ٽوٽا چهايا بلڪ پوري دنيا ۾ پاڪستان جو نالو روشن ڪيو گڏجاڻي ۾ بعد پاڪ فوج زنده آباد جي نالي سان ريلي پڻ ڪڍي وئي جنهن ۾ مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ سڪندر ڪيريو، غلام رسول ڪيريو ، محمد اسن ڪيريو علا اصغر مگسي ، دلشير گبول ، علا رستم سمون، شاهنواز بروهي عبدالقادر خانزاد ، غلام مصطفيٰ ڪيريو ، محمد وارث بومڪي ، عبد علا ڪيريو ، اڪرم علي پنهور ، عرفان علي پنهور ، شوڪت علي سولنگي ، الاهه بخش ڪيرو، بلاول سولنگي ، عطا محمد ڪرو، اظهار علي ملاح ، فاروق احمد ڪرو ۽ ٻيا اهل محبت شريڪ هئا

بقايا 22

شاخ جي پڇڙي ۾ زرعي پاڻي ڪوٽ خلاف جي ڊبليو سي مرڪزي اڳواڻ ذوالفقار خاصخيلي آبادگار اڳواڻ علي نواز ڪوسو حبيب الله رخشاڻي پناهه رند جي اڳواڻي ۾ جهيمل جي پڇڙي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي ذوالفقار خاصخيلي چيو ته جهيمل شاخ سميت ضلع شهيد بينظيرآباد جي ڪيترن شاخن ۾ هترادو پاڻي ڪوٽ سبب ڪيترائي علائقا ويراني جو ڏيک ڏين ٿا، ٻهراڙي جي ماڻهن جو گذر سفر زرعي زمينن سان آهي شاخن ۾ وارا بندي ڪري آبادگارن جو معاشي قتلام ڪيو پيو وڃي هترادو زرعي پاڻي ڪوٽ خلاف شهيد بينظيرآباد ڊويزن جي آبادگارن سان گڏ جلد تحريڪ هلائي ويندي آبادگار اڳواڻ احتجاجي ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته جهيمل شاخ جي حصي جو پاڻي بااثرن کي ڏئي اسانکي ڪنگال بڻايو پيو وڃي شاخ ۾ مسلسل پاڻي ڪوٽ سبب اسان فصل نه ڪاهي سگهيا آيون هاڻي اسانجو مال متاع اڄ مري رهيو آهي انهن اعلا اختيارين کان مطالبو ڪيو ته پڇڙي جي آبادگارن سان انصاف ڪري پاڻي ڪوٽ ختم ڪئي وڃي.

بقايا 23

وارثن سان تعزيت ڪندي گهري ڏک جو اظهار ڪيو.شهيد مختيار لغاري کي سرخ سلام پيش ڪيو ۽ شهيد جي والد عيدن لغاري کي پڻ سلامي ڏني ۽ خراج تحسين پيش ڪيو ويو جي او سي پنو عاقل شهريار احمد معصوم ٻارن کي رانديڪا، ڪپڙا، روڪ رقم ڦڻ ڏني ۽ معصوم ٻارڙن سان محبت جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي جي او سي پنو عاقل جو چوڻ هو ته جنهن شهادت جي سعادت لاءِ آئون نڪتس پر اهو اعزاز شهيد مختيار لغاري ماڻي ويو مختيار لغاري پنهنجي جان قربان ڪري شهادت ماڻي وطن جو دفاع ڪيو شهيد مٿان پاڪ فوج کي فخر آهي.ان موقعي تي ڊي آئي جي سکر فيصل عبد الله چاچڙ ، ايس ايس پي گهوٽڪي ، ڊي سي گهوٽڪي، ايم پي اي نادراڪمل لغاري ,صوبائي وزير اڪرام الله ڌاريجو پڻ موجود هئا.هوڏانهن ڊي سي گهوٽڪي محمد علي شاهه شهيد ختيار لغاري جي نالي سان ڳوٺ ۾ نياڻين جو اسڪول، روڊ ۽ اسپتال جي منظوري جو اعلان ڪري ڇڏيو

بقايا 24

معائنو ڪرڻ لاءِ ٽيم مختلف علائقن ۾ پهچي وئي هيلٿ ورڪرز کي وڌيڪ ڪم بهتر بڻائڻ جون هدايتون جاري، ڊي ايچ او گهوٽڪي ڊاڪٽر رائو آفتاب احمد نيشنل پروگرام جي ڪوآڊينيٽر زيب النساء جي هدايتن تي ڊاڪٽر واحد مگسي ڊبليو ايچ او جي تعلقه آفيسر محمد قاسم پتافي گهوٽڪي جي مختلف يوسيز ۾ ڪم ڪندڙ ليڊي هيلٿ ورڪرن جي هيلٿ هائوس جو وزٽ ڪيو اهڙي ريت يوسي ٽڙي جي سپروائيزر ياسمين سليم جي ليڊي هيلٿ ورڪر بدرالنساء جي هيلٿ هائوس جو به معائنو ڪيو ويو،ان موقعي تي ليڊي هيلٿ ورڪر جي ڊائري،علاج رجسٽر منٿلي رپورٽ ۽ خاندان رجسٽرڊ جي چيڪنگ ڪندي هيلٿ ورڪرن کي وڌيڪ ڪم کي بهتر ڪرڻ جو هدايتون جاري ڪيون ويون ۽ پنهنجي فيلڊ ۾ پوليو جا ڦڙا پيارڻ، ٽي بي جي مريضن کي اسپتال ۾ ريفر ڪرڻ ۽ ٻارڙن جي واڌ ويجهه بابت هدايتون جاري ڪيون ويون.ان دوران ڊاڪٽر واحد منگسي ليڊي هيلٿ ورڪرن کي هدايتون جاري ڪندي چيو ته ڊي ايچ او جي هدايتن تي ڪم ۾ ڪوتاهي ڪندڙن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي سڀني کي پنهنجو ڪم بهتر ڪرڻ گهرجي.

بقايا 25

حسين راهوجو گورنمنٽ ممتاز ڪاليج خيرپور ۽ گورنمنٽ گرلز هاءِ اسڪول نظاماڻي جو دورو ڪيو دوري دوران هن انويجيليٽرن، ايڪسٽرنلز کي هدايت ڪئي ته شاگردن کي بهتر نمونى سان ڪاپي ڪلچر جي نقصانن کان آگاهه ڪيو وڃي، سينٽرن ۾ موبائل فون ۽ ڪاپي ڪرائڻ وارن خلاف تعليم کاتي جي قانون مطابق ڪاروائي ڪئي ويندي. ڊي سي خيرپور چيو ته شاگرد هن ملڪ جو مستقبل آهن جن کي پنهنجي تعليم تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي ان موقع تي هن هاءِ اسڪول ۽ ممتاز ڊگري ڪاليج جي اسٽاف، پروفيسرن ۽ تعليمي بورڊ طرفان مقرر ڪيل ٽيم کي هدايت ڪئي ته امتحاني عمل کي شفاف بڻائڻ ۾ پنهنجي پيشه وراڻه خدمتون ادا ڪيون وڃن. هوڏانهن اسسٽنٽ ڪمشنر دريا خان چانڊيو برائٽ فيوچر اسڪول ڪوٽ ڏيجي ۾ سائنسي نمائش جو افتتاح ڪيو نمائش جو اهتمام سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي سهڪار سان ڪيو ويو ان موقعي تي اي سي دريا خان چانڊيو نمائش ۾ مختلف اسٽالن جو دورو ڪيو ۽ بعد ۾ سائنسي نمائش ۾ نمايان ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙن ۾ مڃتا سرٽيفڪيٽ ورهايا.

بقايا 26

پريشان ٿي وئي. رافيل جهازن جي تباهي ۽ هندستان ۾ داخل ٿي مين جاين کي نشانو بڻايو طاقتور ملڪن به پاڪستاني ايئرفورس جي واکاڻ ڪئي هندستان ۾ ماتم جو ماحول آهي. ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي. تفصيل موجب. سجاول ويجهو ڳوٺ راول ڪندرا ۾ عبدالعزيز ڪندرا جي پاران پيپلزپارٽي جي ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي کي رات جي ماني جي دعوت ڏني وئي. ان موقعي تي ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي چيو ته ڳوٺ راول ڪندرا جي ماڻهن هر اليڪشن ۾ مونکي ووٽ ڏنو ۽ ڪامياب ڪيو آئون انهن جو ٿورائتو آهيان. هن وڌيڪ چيو ته شيرازي پائرن جي هروقت اها ڪوشش هوندي آهي ته عوام جي مسئلن کي جلد کان جلد حل ڪيو وڃي. اسين عوام جي طاقت تي يقين رکون ٿا. ضلع سجاول ۽ ٺٽو جي عوام شيرازي پائرن سان گڏ آهي. اسان سدائين سادگي پسند رهيا آهيون ڏينهن هجي يا رات عوام سان گڏ هوندا آهيون. هن وڌيڪ چيو ته ڳوٺ راول ڪندرا ۾ پيئڻ جو صاف پاڻي .پيور بلاڪ . ڪشادايون گهٽيون ۽ سولر اسٽيٽ لائيٽون. بجلي جي فراهمي سميت سڀئي سهولتون ڏنيون وينديون. ڳوٺاڻن جي پاران ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي ۽ آيل مهمانن کي لونگين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا.

بقايا 27

شاعر سجاد ميراڻي نظم، بلال صابر بيت سميع سجاد غزل ۽ اسد بلوچ غزل اصلاحي تنقيد لاءِ پيش ڪيا، گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي سجاد ميراڻيءَ چيو ته اڄ ڪلهه جيڪا شاعري سرجي ٿي ان ۾ مزاحمت جي ڪوٽ آهي هن وقت سنڌ تي جيڪو ڏکيو وقت آهي اسان جا اديب ۽ شاعر ان جي نشاندهي ڪري مزاحمتي ادب سرجن. صدارتي راءِ ڏيندي استاد ڪندن لعل چيو ته اڄ جي اديب ۽ شاعر کي ديس ۽ وطن لاءِ لکڻ گهرجي ۽ قلمي جهاد ڪرڻ گهرجي، گڏجاڻي ۾ ٻيرلوءَ جي ڊرٽي ۾ وڪيلن ۽ سنڌي ماڻهن جي جدوجهد کي ساراهيو ويو.

بقايا 28

کهڙا ۽ سنڌ ايجوڪيشنل فورم خيرپور طرفان کهڙا ۾ سنڌ جي انهن سپوتن جي مان ۾ آجياڻي جو پروگرام منعقد ڪيو ويو جن سنڌو جي ڏاڙهي جي خلاف تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ جي خلاف آواز بلند ڪري رهيا آهن انهن ۾ علامه اياز علي قمي ' سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن لاڙڪاڻو جو صدر ايڊوڪيٽ اطهر عباس سولنگي ' ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور جو جنرل سيڪريٽري محمد جمن سهتو ' سماجي اڳواڻ سيد هارون شاهه راشدي شامل هيا ' ڪين سنڌ جي سوڪڙي اجرڪ اوڍايا ويا ۽ سنڌ سان نيڻهن

نياڻن جا ايوارڊ ڏنا ويا ' مخدوم عبدالرحمان شهيد ڪلچرل ايجوڪيشنل اينڊ ڊولپمينٽ ٽرسٽ کهڙا جي جيئرمين مخدوم نديم احمد هاشمي آيل مهمانن کي ڀليڪار چيو ۽ خاص مهمانن جي ڪردار کي ساراهيو ۽ سنڌ جي مالڪي ڪرڻ جو عزم ورجايو ' جڏهن ته خاص مهمانن هن جدوجهد کي حتمي ذڪوئيو پر اجا به سنڌ جي وسيلن جي مالڪي ۽ غير قانوني ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف جدوجهد تيزڪرڻ جو عزم ڪيو ' سنڌ جي سپوتن جي مان ۽ سنڌ ۽ سنڌو تي اديبن شاعرن مضمونن ۽ شاعري جي روپ ۾ پيٽا پڻ پيش ڪئي انهن ۾ ناميارو شاعر لالڻ جتو ' گستا سنڌ جو صدر مقصود مهيسر ' اديب محمد اسحاق چانڊيو ' حسين بخش مهيسر ' ناشاد شوڪت شنباڻي ' الطاف راجا ' نديم اسير مغل لطف علي ڪلهوڙو ۽ ٻيا شامل هيا ' جڏهن ته هن آجياڻي ۾ سنڌ جي هر شعبي سان تعلق رکندڙ ڪيترن اڳواڻن شرڪت ڪئي انهن ۾ سنڌ ايجوڪيشنل فورم خيرپور جو جيئرمين ظهير لاڙڪ ' سياسي سماجي شخصيت نثار ابڙو ' سڳا جو تعليمي ڪاميٽي جو جيئرمين منظور اجڻ ' ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور جو خزانچي ايڊوڪيٽ محمد طارق مهيسر ' ايڊوڪيٽ نظير سروهي ' ڊاڪٽر علي سهتو ' مجيب الرحمان جاگيراڻي ' ظفرعلي مهيسر ' نجيب احمد شيخ ' اسٽيپ فائونڊيشن جو اڳواڻ تسليم ڪوراڻي ' غازي صدام لاڙڪ ' سنڌ ساگر پارٽي جو اڳواڻ محمد صديق ابڙو ' حليم الله سومرو ' ساهه شيخ ' محب علي رتڙ ' قاضي نويد احمد ' قاضي جاويد ' مخدوم آفاق احمد ' مبين اجڻ ' وزير علي اجڻ ' اشفاق شيخ ' شعيب لاشاري سميت ڪيترن ئي وڪيلن ' صحافين ' سنڌ دوست ڏرين ۽ سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي آخر ۾ ڪارپوريٽ فارمنگ تي آواز اٿارڻ ۽ سنڌ جو شعور وڌائڻ جي خدمتن عيوض ڪيترن ئي مهمانن کي سنڌ سان نيڻهن نياڻن جا سرٽيفڪيٽ پيش ڪيا ويا.

بقايا 29

جي هدايت تي منشيات فروشن خلاف ڪاروائي پنج جوابدار گرفتار شراب جي ڀٽي تي پڻ ڇاپو ڪامياب ڪاروايون تحت ايس ايچ او سڪرنڊ اصغر عالم هاليپوٽو منشيات فروشيءَ ۾ ملوث عبدالمقيم جلالاڻي کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 1120 گرام چرس هٿ ڪري ورتو ، اي سيڪشن پوليس ڪاروائي ڪري 2 جوابدارن شيراز علي ۽ اسد علي کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان 30 بور جو پسٽل هٿ ڪيو ، جمال شاهه پوليس ڪاروائي ڪري ڳوٺ حاجي دين محمد زرداري ۾ لڳل موبائل ٽاور مان بيٽريون چوري ڪندڙ ملزم عامر لاشاري کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان چوري ٿيل بيٽريون هٿ ڪيون ، 60 ميل ٿاڻي جي پوليس ڪاروائي ڪري جوابدار گلاب خان سيٺار کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان هڪ عدد ديسي پستول هٿ ڪيو ، قاضي احمد پوليس ڳجهي اطلاع تي ڳوٺ شيرعلي ڪوسو تي چڙهائي ڪري ڳوٺ ۾ قائم شراب جي ڀٽي تي ڇاپو هڻي هزارين ليٽر شراب ۽ شراب ۾ استعمال ٿيندڙ سامان هٿ ڪري ورتو جڏهن ته شراب جي ڀٽيءَ جا مالڪ پوليس ڏسي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جنهن بعد قاضي احمد ٿاڻي تي ڀٽي مالڪن دادن ڪوسو ، ممتاز ڪوسو ، لطيف ڪوسو ، شريف ڪوسو، شير ڪوسو ، اميد علي ، غلام مرتضيٰ ۽ علي رضا ڪوسو تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي هوڏانهن پوليس ترجمان عامر خان بروهي جي پڌرائي موجب سمورن گرفتار جوابدارن مٿان منشيات ايڪٽ ۽ آرمس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جڏهن ته ايس ايس پي شهيد بينظير آباد شبير احمد سيٺار ڪامياب ڪاروايون ڪرڻ تي پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي شاباسي ڏني

بقايا 30

تاريخي شخصيت ڏيڻ جي خوشي ۾ ڪرمپور جي مقامي پ.پ.پ عهديدار ماما ضمير شيخ جي نگراني ۾ ڪيڪ ڪٽي، مٺائي ورهائي پرجوش نعرن سان پاڪ فوج کي سلام ۽ ڀيٽا پيش ڪئي وئي، ڪيڪ تقريب ۾ شهرين، علائقي واسين، سياسي، سماجي، مذهبي ۽ صحافي ڏرين شبير احمد دايو، مکي نانڪ رام، استاد نهال الدين ملڪ، فوج علي ڏاهاڻي، شاهد حسين نصيراڻي، ڊاڪٽر پيمن داس، جاويد عثمان بجاراڻي، ماما ضمير شيخ، مکي شنيل ڪمار، عمران نصيراڻي، آفتاب شيخ، جمشيد جعفري، عامر سهيل ڀيڙ، بابل چاچڙ، شعيب شيخ، ياسين چاچڙ سميت هر مڪتبه فڪر جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري ڪيڪ ڪٽي، هڪٻئي کي مٺائي کارائي، تقريب دوران شريڪ ماڻهن پاڪستان زنده آباد، پاڪ فوج زنده آباد ۽ پارٽي فوجي جارحيت مرده باد جا پرجوش نعره پڻ لڳايا.

بقايا 31

عمراڻي ،فريد لاشاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو سبو يونيورسٽيءَ جي وي سي جساف اڳواڻن مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا آهن جساف جي مرڪزي صدر حنان عباسي ۽ ٻين اڳواڻن کي گرفتار ڪرڻ جي مذمت ڪيون ٿا ۽ گرفتار اڳواڻن کي آزاد ڪيو وڃي جڏهن ته جساف اڳواڻن مٿان ڪوڙا ڪيس ختم نه ٿيا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 32

شاگردن جي اسڪالرشپ ،معذورن ۽ مسڪين ماڻهن جي واهر ڪرڻ سميت شهر اندر قائم اڪيلي لائبريري جي سار سنڀال لاءِ رکيل بجيٽ به هضم ڪري ويا، شهر جي روڊ رستن سميت شاهي بازار اندر به گندو پاڻي بيٺل سياسي سماجي ڏرين جو احتجاج جيئرمين ۽ ميونسپل آفيسرخلاف نعري بازي تفصيل موجب ميونسپل ڪاميٽي نوشهروفيروز جي شهرين سياسي سماجي ڏرين ماهنور،محمد امين،خالد، سعيد،صدام حسين، وزيرعلي، نويد، محمد آصف،گلشير ،محرم علي ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪرڻ کان پوءِ ميونسپل جيئرمين ڊاڪٽر ڪاشف ميمڻ ۽ ميونسپل آفيسر عبدالفتاح تگڙ خلاف نعري بازي ڪرڻ کان پوءِ ڳالهائيندي چيو آهي ته ميونسپل نوشهروفيروز جي لاءِ سنڌ حڪومت ماهوار 2 ڪروڙ بجيٽ موڪلي ٿي جنهن مان هڪ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ رقم پگهارن ۾ ورهائجڻ کان پوءِ باقي ماهوار هڪ ڪروڙ ۽ مختلف ٽيڪسن مسواڙن پڙين مان ملندڙ 20 لک جي لڳ ڀڳ رقم ميونسپل

آفيسر ۽ جيئرمين ڪوڙا بل ناهي هضم ڪري رهيا آهن جڏهن ته سموري شهر اندر اڪثر روڊ رستن مٿان گندو پاڻي بيٺل آهن جنهن ڪري شهري سخت پريشان آهن ۽ هاڻي اهو پاڻي شهر جي مين شاهي بازار اندر داخل ٿي ويو آهي جنهن جي ڪري شهر اندر خريداري ڪرڻ جي لاءِ ايندڙ سخت پريشان ٿي رهيا آهن ۽ سموري شهر اندر گٽرن جا منهن کليل هجڻ ڪري معصوم ٻارڙا عورتون پيراسن مرد روز ڪرڻ جو معمول بڻيل آهن ۽ هن وقت تائين هڪ معصوم 2 سالن جو نيگر گٽر ۾ ڪري فوت ٿي ويو آهي ۽ لاڳيتو شهري احتجاج ڪري رهيا آهيون پر ميونسپل ڪاميٽي جي ميونسپل آفيسر عبدالفتاح تگڙ ۽ جيئرمين ڊاڪٽر ڪاشف ميمڻ جي خلاف ڪير قدم کڻڻ جي لاءِ تيار ناهي ۽ اسان احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن چيو ته اسان سنڌ حڪومت کان مطالبو ٿا ڪريون ته نوشهروفيروز ميونسپل ڪاميٽي جي رهواسين مٿان رحم ڪري ميونسپل آفيسر عبدالفتاح تگڙ ۽ جيئرمين ڊاڪٽر ڪاشف ميمڻ کي هٽايو وڃي ٻئي صورت ۾ اسان جو احتجاج جاري رهندو

بقايا 33

۾ اسڪول جي استادن شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، خبر موجب سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن اسڪول جي پرنسپل ذوالفقار علي جي اڳواڻي ۾ تعليم کي عام ڪرڻ ۽ داخلا مهم جي حوالي سان علائقي ۾ شاندار ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ استادن شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، مختلف جوڪن جوراڻهن کان ريلي ٿيندي جيڪا شاهه لطيف پيٽرول پمپ ريلي جي صورت ۾ پهتا پرنسپل ذوالفقار سولنگي ان موقعي تي چيو ته اسان جي صوبي سنڌ ۾ غريب طبقو وڌيڪ ٿو رهي جيڪو پنهنجي اولاد کي هن مهانگائي سبب تعليم نٿو ڏئي سگهي جنهن لاءِ سنڌ گورنمينٽ سيف جا اسڪول مختلف هنڌن تي کوليا آهن جيڪي بنا فيس جي مفت ڪتاب مفت تعليم ڏني ٿي وڃي ته معاشري ۾ شعور پيدا ٿي جو جو تعليم انسان جي تين آڪ آهي ۽ تعليم انسان کي سهي انسان بنائي ٿي تعليم کان سواءِ انسان انڌو آهي، اسان جو اسڪول به سف جي تعاون سان هلي ٿو جنهن ۾ سمورين بنيادي سهولتن ۽ مفت تعليم ڪتاب ڏنا وڃن ٿا پنهنجي ٻارن کي داخل ڪري تعليم جي زيور سان نوازيو جئين ٻارن جو مستقبل بهتر ٿي سگهي.

بقايا 34

۾ غير قانوني سرن جا ڀٽا قائم ڪري ڇڏيا آهن سرن جي ڀٽن ۾ ٻرندڙ باهه دونهين ۽ دڙيءَ سبب اسان جي ڪجين جا باغ ۽ زمينن جو فصل سهڪڙو جو شڪار ٿي ويا آهن هن چيو ته منهنجي خاندان جو گذر سفر ڪجين جي فصل تي ٿيندو آهي پر سرن جي ڀٽن جي باهه ۽ دونهين سبب منهنجي هڪ سئو کان وڌيڪ ڪجين جي فصل کي سڪائي ڇڏيو آهي جنهن ڪري خاندان سميت فاقا ڪشي تي زندگي گذارڻ تي مجبور آهيون هن چيو غيرقانوني ڀٽن جي مالڪن جي زيادتين خلاف ڊي سي خيرپور، اي سي ۽ مختيارڪار ڪنگري کي لکت ۾ شڪايتون ڪيون آهن پر تدارڪ نه پيو ٿئي هن مطالبو ڪيو ته علائقي مان غيرقانوني ڀٽن جو خاتمو ڪري ڪجي جي قيمتي فصل کي بچايو وڃي ۽ اسان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 35

شبير وزير چانڊيو، نثار موچي، راڻو ، اياز سليمان، محمد سليم ، عبدالجبار، عطا محمد، در محمد، سڏين مجاهد، قدير سميت 40 کان وڌيڪ ڳوٺاڻن جا گهر سڙي رک ٿي ويا آهن. جڏهن ته باهه سبب گهرن ۾ پيل سمورو سامان پڻ سڙي رکي ٿي ويو آهي. جڏهن ته باهه وسائڻ لاءِ سڪرنڊ، قاضي احمد، نوابشاهه جون فائر برگيڊ گاڏيون باهه وسائڻ ۾ مصروف آهن. هوڏانهن ايم پي اي غلام قادر چانڊيو، آفتاب چانڊيو سميت علائقي جا سوين ماڻهو موقعي تي پهچي ڳوٺاڻن جي هر ممڪن مدد ڪري رهيا هئا. جيئن ته ڳوٺاڻن ۽ پرياسي جي ماڻهن جي پنهنجي مدد پاڻ تحت جاني نقصان کان بچاءُ ٿي ويو پر اناج، هنڌ بسترا، ڪٽون، ٽانو نڪر باهه سبب سڙي رک ٿي ويا.

بقايا 36

رميش مالهي. حاجي حسن . اڪرم خاصخيلي .. فقير رحمت سنڌي، ڪريم بخش مگنهار تنوير. معشوق فقير ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ وڏي انگ ۾ شهرين مارڪيٽ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي جيڪا پريس ڪلب پهتي ان موقعي تي هنن پاڪ فوج جي حمايت ۾ نعرا هڻي خراج تحسين پيش ڪيو

بقايا 37

تقريب جو آغاز درگاهه اپن شاهه ويلفيئر ايسوسي ايشن جي صدر سيد امام علي شاهه بخاري ۽ خدمتگار فقير نظام الدين ڪانڌڙو صحافي سيد حسين شاهه بخاري اسلم ٿهيم لطف لنجواڻي غلام شبير سومرو عرفان لاشاري ۽ ٻين فقيرن مزار شريف تي چادر چاڙهي ڪيو ان موقعي تي سنڌ سميت پوري ملڪ ۽ پاڪ فوج جي سلامتي لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي بعد ۾ صوفي راڳ جي محفل تي جنهن جي صدارت درگاهه اپن شاهه ويلفيئر ايسوسي ايشن ۽ پريس ڪلب ڪوٽڏيجي جي صدر سيد امام علي شاهه شرڪت ڪئي.

بقايا 38

جان صديقي، ميئر حيدرآباد ڪاشف خان شورو ۽ ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ جي هدايتن تي ڊپٽي ڊائريڪٽر فدا حسين ڪوسو ۽ ڊائريڪٽر رحمت الله راڄپڙ جي قيادت ۾ سائيٽ ايريا نزد فتح چوڪ وٽ ملاوٽ شده مصالحو تيار ڪندڙ ڪارخاني تي ڇاپو هنيو ويو مرچن ۾ غير صحت بخش مصنوعي ڪاڏي جي رنگ جي استعمال ۽ غير معياري مرچن جي استعمال بابت شڪايتون مليون هيون جڏهن ته غير آئوڊائيزڊ لوڻ پڻ استعمال ڪيو ويو ڪارخاني ۾ غير صحت بخش حالتن ۽ خطرناڪ ماحول مليو سنڌ فوڊ اٿارٽي حيدرآباد جي ٽيم غير معياري مرچن کي موقعي تي ئي ضايع ڪري ڇڏيو ۽ فيڪٽري تي ڏنڊ پڻ لاڳو ڪيو ويو ڊپٽي ڊائريڪٽر سنڌ فوڊ اٿارٽي حيدرآباد فدا حسين ڪوسو ماڻهن تي زور ڏنو ته اهي ڪاڏي پيتي جي شين ۾ ملاوٽ يا صحت لاءِ نقصان ڪار ڪاڏي پيتي جي شين جون شڪايتون سنڌ فوڊ اٿارٽي ۾ جمع ڪرائين

وگڻ ۾ پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي طور مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي ريلي

اجوڪي ريلي پاڪ فوج کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ ڪڍي وئي آهي: ڪامريڊ غلام حسين مغيري

پاڪ فوج مودي کي پوئتي هٽڻ ۽ پيچ تي مجبور ڪري پاڪستان جو مورال بلند ڪيو آهي، گلاب خان وگڻ ۽ ٻيا

ملڪ جو عوام پاڪ فوج سان گڏ آهي، ملڪ جي حفاظت لاءِ هر قرباني ڏيڻ کان نه ڪيٻائينداسين

وگڻ (رپورٽر) وگڻ ۾ پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي ۽ پارتي جارحيت خلاف مختلف تنظيمن جي اڳواڻ پيناڦليڪس ۽ جهنڊا کڻي مک چوڪ کان ريلي ڪڍي وئي، رپورٽ موجب وگڻ ۾ سماجي /ڏسو صفحو 3 بقايا 01

وگڻ: پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي ۽ پارتي جارحيت خلاف مختلف تنظيمن پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي

گهوٽڪي: مدني مسجد انتظاميا پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

گهوٽڪي ۾ مدني مسجد انتظاميا پاران پاڪ فوج جي حق ۾ ريلي

ريلي شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي پريس ڪلب پهتي ۽ مظاهري جي شڪل اختيار ڪئي

ريلي جو مقصد دشمن کي پيغام ڏيڻ آهي ته قوم متحد آهي، رت جي آخري ڦڙي تائين ملڪ جو دفاع ڪنداسين

گهوٽڪي (د ر) مدني مسجد انتظاميا پاران پاڪ فوج جي حق ۽ پارتي جارحيت خلاف علامه مولانا محمد اشرف سعيدي جي اڳواڻي /ڏسو صفحو 3 بقايا 08

12 مئي جا ذميوار قانون کان آجا آهن: ڪاشف سعيد شيخ

18 سال اڳ انصاف لاءِ وهايل رت اڄ به انصاف جو منتظر آهي، رب جي لٺ بي آواز آهي

دنيا ۾ ته ماڻهو لڪي سگهن ٿا، پر الله جي عدالت ۽ دردناڪ انجام کان بچي نه ٿا سگهن

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته 12 مئي 2007 ملڪ جي تاريخ جو ڪارو ۽ ڏکائيندڙ /ڏسو صفحو 3 بقايا 09

حيدرآباد حيسڪو چيف جي صدارت هيٺ گڏجاڻي، سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا

حيسڪو انتظاميا بهترين ڪارڪردگي ڏيکارڻ تي 17 آفيسرن ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

اي ٽي اينڊ سي لاسز گهٽ ڪرڻ تي 14 آفيسرن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏئي سندن حوصلو وڌايو ويو

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) حيسڪو انتظاميا پاران 17 آفيسرن جي بهترين ڪارڪردگي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا، جنهن /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

حيدرآباد: چيف ايگزيڪيٽو آفيسر حيسڪو فيض الله ڏاهري ملازمن کي سرٽيفڪيٽ ڏيندي

حادثي جو شڪار راڻيپور جي صحافي ضيغم رضا مغل جو آپريشن ڪامياب

ضيغم رضا مغل جي پٽ ريحان رضا جو پڻ آپريشن ٺيڪ ٿيل، صحافين پاران دعا جي اپيل

ٻئي پيءُ پٽ گمبٽ بائي پاس وٽ روڊ حادثي جو شڪار ٿي سخت زخمي ٿي پيا هئا

راڻيپور (رپورٽ: ميان اعجاز) عوامي پريس ڪلب راڻيپور جي صدر برادر ضيغم رضا مغل ۽ سنڌس نوجوان پٽ ريحان رضا /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

داد ڊويزن جون مختلف شاخون ۽ واهه وارا بندي بابت پڌرائي جاري

پاڻي جي کوٽ سبب شاخون ۽ واهه 9 مئي کان 17 مئي تائين ڪليل ۽ بند رهندا

نواب شاهه (رپورٽ: دانش) ايگزيڪيوٽو انجنيئر داد /ڏسو صفحو 3 بقايا 12

سکر: مهر برادري پاران ٻاڻرن جي ڏمڪين زمين تي مبينا قبضي خلاف احتجاج

نصر الله، حاڪم، گلشير، شفيع ۽ احسان کي في ايڪڙ ٻارنهن من ڪڻڪ جي ادائگي تي نيڪي تي ڏني: مظاهرين

هاڻ انهن غيرقانوني قبضي سان گڏ ادائگيءَ کان به انڪار ڪري ڇڏيو آهي، شڪايت تي حملو ڪيو ويو

پوليس مدد ڪرڻ بدران جوابدارن جي سرپرستي ڪري، جوابدار گرفتار ڪري اسان کي تحفظ ۽ انصاف ڏيو

سکر (بيورو رپورٽ) پنوعاقل جي علائقي سانگي لڳ ڳوٺ ... جي تعلق رکندڙ مهر برادري جي ماڻهن ٻاڻرن ماڻهن /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

سکر: مهر برادري ٻاڻرن جي ڏاڍاين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

ڊي سي گهوٽڪي پاران ڊرون حملي ۾ تباهه ٿيل مختيار احمد جي معاوضي لاءِ سنڌ حڪومت کي خط

گهوٽڪي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي پاران ڊرون تباهه ٿيڻ سبب شهيد ٿي /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

هاڻ فلسطين حوالي سان خاموش رهڻ جو وقت ناهي: مخدوم سعيدالزمان "عاطف"

اسان جي فوجي قيادت ۽ سپاهين جي عزم، فني مهارت ۽ قربانين سان دشمن کي خوفناڪ نقصان ٿيو

رافيل جهازن جي تباهي اهو ثابت ڪري ٿي ته پاڪستان جي فضائي صلاحيت ڪنهن به طور تي گهٽ نه آهي

جيڪڏهن ارادو، ايمان ۽ جرئت هجي ته ڪو به دشمن شڪست کان نه بچي سگهندو: سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين

ڄامشورو (رپورٽر) سروري تنظيم ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان "عاطف" آپريشن بنيان المرصوص بابت ڳالهائيندي چيو آهي ته پاڪستان /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

گهوٽڪي ۾ ٽرالر ۽ ٽريڪٽر ٽرالي وچ ۾ ٽڪر، نوجوان فوت

پنجو باغ روڊ ڀرسان نيشنل هاءِ وي تي ٽرالر ۽ ٽريڪٽر ٽرالي وچ ۾ ٽڪر ٿي پيو

نتيجي ۾ ڳوٺ صوبدار کهاوڙ جو رهواسي محمد پريل کهاوڙ موقعي تي ئي فوت ٿي ويو

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي جي نيشنل هاءِ وي تي ٽرالر ۽ ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ٽڪر لڳڻ سبب هڪ ڄڻو فوت ٻيو زخمي ٿي پيو گهوٽڪي /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

سڪرنڊ ويجهو "عظمتِ والدين" جي عنوان هيٺ جلسو

سڪرنڊ (رپورٽر) سڪرنڊ لڳ ڳوٺ قيصر خان چانڊيو ۾ "عظمتِ والدين" جي عنوان /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

ٽائون ڪميٽي پٽ شاهه طرفان دنبوره چوڪ تي رنويشن جو ڪم شروع

چيئرمين ٽائون ڪاميٽي جي حڪم تي دنبورا چوڪ جي رنويشن جو ڪم شروع ڪيو ويو

شهر جي مختلف چوڪن، روڊ رستن، گهٽين جي صفائي سٿرائي جو پڻ عمل جاري

پٽ شاهه (رپورٽر) ٽائون ڪميٽي پٽ شاهه طرفان شهر جي مک چورائي دنبوره چوڪ تي رنويشن جو ڪم شروع ڪرايو ويو آهي . /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

جسقم ضلعي سجاول طرفان ٻيرلوءِ ڊرٽي ۾ جدوجهد ڪندڙ وڪيل اڳواڻن جي مان آجياڻو

سجاول (رپورٽر) ٻيرلوءِ ڊرٽي ۾ مسلسل شريڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

سڪرنڊ (رپورٽر) سڪرنڊ ۾ اين پي سي آءِ ايڇ اي پاران پاڪ فوج کي ڀيٽا پيش

پاڪ فوج ڀارت کي جاندار جواب ڏئي نه صرف ڀارت کي ٽوڙا چٻايا بلڪ پوري دنيا ۾ پاڪستان جو نالو روشن ڪيو

ايڊووڪيٽ سڪندر ڪيريو، غلام رسول ڪيريو، محمد ياسين ڪيريو، علي اصغر مگسي ۽ ٻيا

گڏجاڻيءَ بعد پاڪ فوج زنده آباد جي نالي سان ريلي پڻ ڪڍي وئي، سوين ماڻهن جي شرڪت

سڪرنڊ (رپورٽر) سڪرنڊ ۾ NPCIH_A پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي جنهن ۾ تلاوت ۽ نعت کانپوءِ پاڪ فوج جي بهادري ۽ سندن جدوجهد تي ڳالهايو ويو مقررين الڳ الڳ /ڏسو صفحو 3 بقايا

سڪرنڊ: اين پي سي آءِ ايڇ اي پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ٻارڙن سان گڏ ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي پئي وڃي

سانگهڙ ۾ ميونسپل ڪميٽي پاران پاڪستان فوج جي فتح تي ريلي

ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن پاران هٿيار بند فوج جي حق ۾ نعرا هنيا ۽ انهن جي قربانين کي خراج تحسين پيش

ملڪ جي حفاظت ڪندڙ اسان جا اصل هيرو آهن ۽ پوري قوم کي انهن تي فخر آهي: رشيد اسلام مغل

ملڪ جي حفاظت ڪندڙ اسان جا اصل هيرو آهن ۽ پوري قوم کي انهن تي فخر آهي: اڳواڻن جو خطاب

سانگهڙ (رپورٽ: غلام رسول تاريجو) سانگهڙ شهر ۾ ميونسپل ڪميٽي پاران پاڪستان فوج جي فتح جي جشن لاءِ هڪ شاندار ريلي جو انعقاد ڪيو ويو. ريلي /ڏسو صفحو 3 بقايا 02

پيپلز اسڪول مڪلي ۾ نياڻين جي تعليم ۽ اسڪول کان ٻاهر ٻارن بابت آگاهي سيشن منعقد

تعليم اهو وسيلو آهي جيڪو سماجي اڻ برابري کي ختم ڪري سگهي ٿو: گهنور علي لغاري

نياڻين لاءِ معياري تعليم غربت ۽ صنفي امتيازن جي چڪر مان نڪرڻ جو ذريعو آهي: سيف منيجنگ ڊائريڪٽر

ٺٽو (د ر) دي پيپلز اسڪول مڪلي ۾ نياڻين جي تعليم ۽ اسڪول کان ٻاهر ٻارن بابت آگاهي سيشن، سنڌ ايجوڪيشن /ڏسو صفحو 3 بقايا 04

نوجوان نسل سماج جي تعمير ۽ تشڪيل ۾ ڪرنگهي جي هڏي واري اهميت رکي ٿو: ڪامريڊ نعيم احمد بلوچ

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستاني انقلابي پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جي ميمبر ڪامريڊ نعيم احمد بلوچ چيو آهي ته نوجوان نسل نه رڳو ملڪ ۽ قوم لاءِ مستقبل جو معمار آهي پر سماج جي تعمير /ڏسو صفحو 3 بقايا 03

ڪيراڙي تي پاران 12 مئي جي شهيدن کي سرخ سلام پيش، قاتل پڪڙڻ جي گهر

شهيد محمد نواز ڪنراڻي جمهوريت جي بحالي لاءِ ابر ڪيڙا ابر جي دهشتگردن هٿان شهيد ٿيو: اياز طيف

انصاف ۽ آئين جي بحالي لاءِ شهيد محمد نواز ڪنراڻي ڪراچي ۾ چيف جسٽس افتخار چوڌري جي استقبال لاءِ ويو

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز /ڏسو صفحو 3 بقايا 05

پاڪ ڀارت جنگ ۽ خطي ۾ امن جي بحالي تي ٽرمپ کي ڀيٽا پيش

ٽرمپ پاران بروقت جنگ روڪرائي خاندانن جي زندگي بچائي: سيد شفقت علي شاهه

ڀارت خلاف پاڪ فوج جي جوابي ڪارروائي ڀارت حڪومت کي جهڪڻ تي مجبور ڪيو: وڪيل اڳواڻ

ڪشمير مسئلي حل ڪرائڻ ۾ پاڪ ڀارت کي سنجيدگي جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي

سکر (بيورو رپورٽ) سينيئر سماجي اڳواڻ ايڊووڪيٽ سيد شفقت علي شاهه پاڪ ڀارت جنگ ۽ خطي ۾ امن جي بحالي لاءِ مثبت /ڏسو صفحو 3 بقايا 06

سکر: پاڪ فوج جي حمايت ۾ رهواسي ريلي ڪڍي نعريبازي ڪري رهيا آهن

سانگهڙ ۾ نيشنل ايڪشن پلان ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪاميٽي جو اجلاس

طرفان نيشنل ايڪشن پلان تي عملدرآمد لاءِ ضلعي سطح تي ڊي سي اڳواڻي ۾ ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪاميٽي قائم

ملڪي حالات جي پيش نظر تمام آفيسر ضلعي انتظاميا سان رابطو مضبوط ڪن: ڊي سي ساره جاويد

ڪاميٽي جو مقصد غيرقانوني پيٽرول پمپ، يونٽس، ايجنسيز، منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪرڻ آهي

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ ساره جاويد جي صدارت ۾ نيشنل ايڪشن پلان سان لاڳاپيل ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪاميٽي جو اجلاس ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ ٿي گذريو. انهي موقعي /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

سانگهڙ: ڊپٽي ڪمشنر ساره جاويد جي صدارت هيٺ ڪرايل ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪاميٽي اجلاس جو هڪ ڏيک

مٺي ۾ جي ڊي اي پاران پاڪستان زنده آباد پاڪ فوج پائنده باد ريلي

ريلي جي قيادت اڳوڻي ضلع ناظم ٿرپارڪر ارباب انور جبار، سابق ايم پي اي عبدالرزاق راهمون ۽ ٻين ڪئي

ريلي نيشنل بينڪ کان ڪشمير چوڪ تي پهتي جتي تلاوت ڪلام پاڪ کانپوءِ قومي ترانو پڙهيو ويو

مودي سرڪار معصوم شهرين تي رات جي اونداهي ۾ بزدلاڻو حملو ڪيو، پاڪ فوج ڀرپور جواب ڏنو: اڳواڻ

اسلام ڪوٽ (رپورٽر) مٺي ۾ گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس ٿرپارڪر پاران پاڪستان زند آباد پاڪ فوج پائند باد ريلي ڪڍي وئي، ريلي نيشنل بينڪ کان ڪشمير چوڪ مٺي تائين ڪڍي وئي جنهن /ڏسو صفحو 3 بقايا 07

اسلام ڪوٽ: گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس ٿرپارڪر پاران پاڪستان زند آباد پاڪ فوج پائند باد ريلي جو هڪ ڏيک

گيچاٽي: جهيمل شاخ جي پڇڙي ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف آبادگارن جو احتجاجي مظاهرو

جهيمل شاخ سميت ڪيترين ئي شاخن ۾ هڙتالدو پاڻي کوٽ سبب ڪيترائي علائقا ويراني جو ڏيک ڏين ٿا: آبادگار

ڀرپاسي جي ماڻهن جو گذر سفر زرعي زمين سان آهي، بندي ڪري آبادگارن جو معاشي قتلام ڪيو پيو وڃي

شاخ ۾ مسلسل پاڻي کوٽ سبب فصل ته نه ڪاهي سگهياسين، چوپايو مال مري پيو پاڻي کوٽ ختم ڪريو

گيچاٽي (رپورٽ: عبيد رخشاڻي) جهيمل شاخ جي پڇڙي ۾ زرعي پاڻي جي کوٽ خلاف جي ڊبليو سي ۽ آبادگارن جو تنهن اس ۾ احتجاجي مظاهرو نعريبازي تفصيل موجب گاجرواهه مان نڪرندڙ جهيمل /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

گيچاٽي: جهيمل شاخ جي پڇڙي ۾ زرعي پاڻي جي کوٽ خلاف جي آبادگار احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

هيلٿ ورڪرز جي هيلٿ هائوس جو معائنو ڪرڻ لاءِ ٽيم پاران مختلف علائقن جو دورو

ڊي ايڇ او گهوٽڪي ۽ نيشنل پروگرام جي ڪوآرڊينيٽر جي هدايتن تي ڊسٽرڪٽ ٽيم ڊاڪٽر واحد مگسي ۽ ٻيا پهتا

ليڊي هيلٿ ورڪر جي ڊائري، علاج رجسٽر، منٿلي رپورٽ ۽ خاندان رجسٽرڊ جي چيڪنگ ڪندي هدايتون جاري

گهوٽڪي (رپورٽر) ڊي ايڇ او گهوٽڪي ۽ نيشنل پروگرام جي ڪوآرڊينيٽر جي هدايتن تي هيلٿ ورڪرز جي هيلٿ هائوس جو /ڏسو صفحو 3 بقايا 24

خيرپور: ڊي سي پاران ساليانه امتحان حوالي سان سينٽرن جو دورو

ڊي سي گورنمنٽ ممتاز ڪاليج خيرپور ۽ گورنمنٽ گرلز هاءِ اسڪول نظاماڻي جو دورو ڪيو

ٻئي پاسي اي سي دريا خان چانڊيو پرائيٽ اسڪول ڪرٽ ڊي ۾ سائنسي نمائش جو افتتاح ڪيو

خيرپور (د ر) سکر تعليمي بورڊ طرفان يارهين ۽ ٻارهين جماعت جي ساليانه امتحان جي سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر فياض /ڏسو صفحو 3 بقايا 25

ساس پريالوءِ جي گڏجاڻي، نڪور تخليقون پيش، مزاحمتي ادب لکو: اديب/شاعر

سنڌي ادبي سنگت پريالوءِ جي دستوري گڏجاڻي سينيئر شاعر استاد ڪندن لعل جي صدارت ۾ ٿي گذري

ناليواري شاعر سجاد ميراڻي نظم، بلال صابر بيت، سميع سجاد غزل ۽ اسد بلوچ غزل اصلاحي تنقيد لاءِ پيش ڪيا

اڄڪلهه جي شاعري ۾ مزاحمت جي کوٽ آهي، سنڌ تي ڏکئي وقت ۾ مزاحمتي ادب سرجيو: سجاد ميراڻي

پريالوءِ (رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت پريالوءِ جي دستوري گڏجاڻي سينيئر شاعر استاد ڪندن لعل جي صدارت ۾ ٿي گڏجاڻيءَ ۾ سنگت جي اڳوڻي آديتر ۽ ناليواري /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

ڪرمپور ۾ پاڪ فوج کي خراج تحسين پيش

پ پ اڳواڻ ماما ضمير شيخ جي نگراني ۾ ڪيڪ ڪٽي مٺائي ورهائي

تقريب ۾ پرجوش نعرن سان پاڪ فوج کي سلامي ۽ ڀيٽا پيش

ڪرمپور (رپورٽر) ڪرمپور ۾ وطن عزيز ملڪ پاڪستان جي فوج، پاڪ فوج پاران بزدل دشمن ڀارتي فوج کي جنگ ۾ بري ۽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

سڪرنڊ ۾ پوليس جي منشيات فروشن خلاف ڪارروائي، پنج جوابدار گرفتار

سڪرنڊ (رپورٽر) ايس ايس پي شهيد بينظيرآباد /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

خيرپور ۾ سنڌ دريا تي ڊئمن جي خلاف تحريڪ ۾ ڀرپور حصو وٺندڙن جي مان ۾ تقريب منعقد

خيرپور (د ر) مخدوم عبدالرحمان شهيد ڪلچرل ايجوڪيشنل اينڊ ڊولپمينٽ ٽرسٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

نوشهروفيروز ۾ جساف اڳواڻن مٿان ڪوڙا ڪيس ۽ گرفتارين خلاف احتجاج

ويوسبو يونيورسٽيءَ جي وي سي جساف اڳواڻن مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا: اڳواڻ

حنان عباسي ۽ ٻين اڳواڻن کي گرفتار ڪرڻ جي مذمت ڪيون ٿا ۽ گرفتار اڳواڻن کي آزاد ڪيو وڃي

نوشهروفيروز (د ر) جساف اڳواڻن مٿان ڪوڙا ڪيس ۽ گرفتارين خلاف احتجاج نوشهروفيروز ۾ جسقم بشير قريشي پاران اياز راڄپر، اسد /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

نوشهروفيروز ۾ لائبرري جي بجيٽ ڪتب نه آڻڻ تي ساڃاهه وندن جو احتجاج

ميونسپل نوشهروفيروز جي لاءِ سنڌ حڪومت ماهوار 2 ڪروڙ بجيٽ موڪلي ٿي: مظاهرين

هڪ ڪروڙ ۽ مختلف ذريعن جي ملندڙ 20 لک جي رقم عملدار ڪوڙا بل ناهي کائين پيا، لائبريري تي ڌيان ناهي

نوشهروفيروز ميونسپل ڪاميٽي جي رهواسين مٿان رحم ڪري ميونسپل آفيسر ۽ چيئرمين هٽايو

نوشهروفيروز (د ر) نوشهروفيروز ميونسپل ڪاميٽي اندر ڪروڙن جي ڪرپشن چيئرمين ۽ ميونسپل آفيسر مسڪين /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

نوشهروفيروز: شهر اندر بيٺل گندي پاڻي رهواسي گذري رهيا آهن

جي او سي پنوعاقل پاران ڊرون حملي ۾ شهيد ٿيل مختيار لغاري جي تڏي تي پهتو، سلامي پيش

جي او سي شهريار احمد ٻارن کي رانديڪا، ڪپڙا، روڪ رقم ڦٽ ڏني ۽ معصوم ٻارڙن سان محبت جو اظهار

شهادت جي سعادت لاءِ آئون نڪتس پر اهو اعزاز شهيد مختيار لغاري ماڻي ويو: جي او سي پنوعاقل شهريار احمد

مختيار لغاري پنهنجي جان قربان ڪري شهادت ماڻي وطن جو دفاع ڪيو شهيد مٿان پاڪ فوج کي فخر آهي

گهوٽڪي (رپورٽ: رشيد ڪليري) جي او سي پنوعاقل شهريار احمد ڊرون حملي ۾ شهيد ٿيل مختيار لغاري جي تڏي تي پهچي ويو /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

حيدرآباد" ملاوٽ شده مصالحو تيار ڪندڙ ڪارخاني تي ڇاپو

ڊپٽي ڊائريڪٽر فدا حسين ڪوسو ۽ ڊائريڪٽر رحمت الله راڄڙ جي قيادت ۾ ڇاپو هنيو

سنڌ فوڊ اٿارٽي حيدرآباد جي ٽيم غير معياري مرچن کي موقعي تي ئي ضايع ڪري ڇڏيو

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير جي خوراڪ بابت خاص معاون عبدالجبار خان، ڊي جي سنڌ فوڊ اٿارٽي آصف /ڏسو صفحو 3 بقايا 38

ڪوٽڏيجي: درگاهه پيراين شاهه سرڪار جي ساليانو چوڏينهن شريف عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

ڪوٽڏيجي (رپورٽر) درگاهه پير اين شاهه سرڪار جي ساليانو چوڏينهن شريف نهايت عقيدت، احترام ۽ ڌوم ڌام سان ملهائي وئي /ڏسو صفحو 3 بقايا 37

ڪوٽڏيجي: درگاهه پيراين شاهه سرڪار جي ساليانو چوڏينهن شريف تي فنڪار سرو ڪريندي

پاڪ فوج مودي کي گوڏا ٽيڪڻ تي مجبور ڪيو: سيد اياز علي شاهه شيرازي

ڳوٺ راول ڪندرا جي ماڻهن هر اليڪشن ۾ مونکي ووٽ ڏنو ۽ ڪامياب ڪيو

شيرازي پاڙن جي هر وقت اها ڪوشش هوندي آهي ته عوام جي مسئلن کي جلد حل ڪيو وڃي

سجاول (رپورٽر) پاڪ فوج جي جوانن مودي سرڪار کي گوڏا ٽيڪڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو اهڙو حملو ڪيو جو دنيا حيران ۽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 26

سامارو شهر ۾ شهرين پاران پاڪ جي حمايت ۾ ريلي

سامارو (رپورٽر) سامارو شهر ۾ شهرين پاران پاڪ جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي نعريبازي خبرموجب سامارو شهر ۾ شهرين /ڏسو صفحو 3 بقايا 36

شهدادپور سيف پاران تعليمي جاڳرتا ريلي

سنڌ ۾ رهندڙ غريب طبقو اولاد کي هن مهانگائي سبب تعليم نٿو ڏئي سگهي: ذوالفقار علي

تعليم انسان جي ٽين اک آهي ۽ تعليم انسان کي سهي انسان بڻائي ٿي، ٻارن کي تعليم ڏيو

پنهنجي ٻارن کي داخل ڪري تعليم جي زيور سان نوازيو جيئن ٻارن جو مستقبل بهتر ٿي سگهي

شهدادپور (رپورٽر) سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن اسڪول طرفان پرنسيپال ذوالفقار علي سولنگي جي اڳواڻي ۾ تعليم کي عام ڪرڻ جي حوالي سان داخلا مهم لاءِ علائقي ۾ ريلي ڪڍي وئي جنهن /ڏسو صفحو 3 بقايا 33

سڪرنڊ ويجهو پل ۽ ڪنگور ۾ لڳل باهه سڄو ڳوٺ ساڙي رک ڪري ڇڏيو

نتيجي ۾ مصري چانڊيو، سعيد خان، محبوب، شبير، وزير چانڊيو، نثار موچي، راڻو، اياز جا گهر سڙي ويا

سليمان، محمد سليم ، عبدالجبار، عطا محمد، در محمد، سڏين، مجاهد، قدير ۽ ٻيا پڻ متاثرن ۾ شامل

باهه سبب گهرن ۾ پيل سمورو سامان پڻ سڙي رکي ٿي ويو، فائر برگيڊ گاڏيون باهه وسائڻ ۾ مصروف

ايم پي اي غلام قادر چانڊيو، آفتاب چانڊيو سميت علائقي جا سوين ماڻهو پهتا، هر ممڪن مدد جي خاطري

سڪرنڊ (رپورٽر) سڪرنڊ ويجهو ڳوٺ قيصر خان چانڊيو ۽ غلام حيدر چانڊيو ۾ ڀرسان بيٺل پل ۽ ڪنگور ۾ لڳل باهه تيز هوا سبب سڄي ڳوٺ کي وڪوڙي وئي، نتيجي ۾ مصري چانڊيو، سعيد خان، محبوب، /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

سڪرنڊ: ڳوٺ قيصر خان چانڊيو ۽ غلام حيدر چانڊيو ۾ لڳل باهه فائر برگيڊ عملو وسائي رهيو آهي، ٻئي طرف اڀندڙ باهه جو هڪ ڏيک

خيرپور ڀرسان زرعي زمينن تي سرن جا ڀٺا قائم ٿيڻ خلاف آبادگارن جو احتجاج

باأثر منير ميتلو، ڪوڙل ميتلو آبادي ۽ زرخيز زمينن ۾ غيرقانوني سرن جا ڀٺا قائم ڪري ڇڏيا آهن

ڀٺن جي دونهين ۽ دزيءَ سبب اسان جي ڪجين جا باغ ۽ زمينن جو فصل سهڪڙو جو شڪار ٿي ويا آهن

علائقي مان غيرقانوني ڀٺن جو خاتمو ڪري ڪجي جي قيمتي فصل کي بچايو وڃي: فضل ميتلو ۽ ٻيا

خيرپور (د ر) خيرپور ڀرسان ڳوٺ طريل بادشاهه جي رهواسي ڪجين جي آبادگار فضل ميتلو خيرپور پهچي ميڊيا آڏو ڏاهيندي چيو ته علائقي جي باأثر منير ميتلو، ڪوڙل ميتلو آبادي ۽ زرخيز زمينن /ڏسو صفحو 3 بقايا 34